ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ھڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 12 مئي 2026ع 24 ذوالقعد 1447ھ صفحا 6 - ملھ 30 روپيہ شمارو (267)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

سنڌ اسيمبلي ۾ معرڪ حق جي تاريخي فتح تي پاڪ فوج کي خراج تحسين پيش، قرار داد منظور

پاڪ فوج معرڪہ حق جي جنگ ۾ هندستان جو تڪبر خاڪ ۾ ملايو، اڄ دنيا امن لاءِ پاڪستان ڏانهن ڏسي پئي: وڏو وزير

اڄ اسان لاءِ تاريخي ڏينهن آهي، هڪ سال اڳ سڄي قوم، اسان جي فوج، اسان جي حڪومت ۽ اسان جي ميڊيا گڏجي دشمن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو هو

اسان جو پاڙو ملڪ ايران پاڪستاني ماڻهن لاءِ ترانا ڳائي رهيو آهي، آمريڪي صدر ٽرمپ کي جيڪڏهن دنيا ۾ امن لاءِ ڪو نالو ياد آهي تہ اهو پاڪستان جي ليڊرشپ ۽ فوج آهي


پاڪستان جي ائٽمي پروگرام جي شروعات 20 جنوري 1972 تي ذوالفقار علي ڀٽو ڪئي، ملتان ۾ سينئر سائنسدانن کي فيصلو ڪيو تہ پاڪستان کي ائٽمي ملڪ بڻايو ويندو

هندستان هميشہ پاڪستان کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، گذريل سال 22 اپريل تي پنهنجن ئي بيوس ماڻهن تي پهلگام ۾ پاڻمرادو حملو ڪرايو ۽ الزام اسان تي لڳايو

ڀارت کي جنهن رافيل جهازن تي تمام گهڻو ناز هو، اهي پاڪستاني شاهينن جي ڀيٽ ۾ ناڪام ثابت ٿيا. پاڪستان رڳو 52 منٽن جي آپريشن ۾ 4 رافيل سميت ڀارت جا 8 جهاز ڪيرايا

پيپلز پارٽي ۽ سنڌ حڪومت هميشہ ملڪ جي دفاع ۾ اڳيان رهندي، اسان جي قيادت ۽ جيالا پاڪستان لاءِ هميشہ حاضر آهن معرڪ حق جي ڪاميابي تي قوم کي مبارڪون پيش ڪريان ٿو

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي/ راهب ڳاهو) معرڪ حق ۾ پاڪستان جي تاريخي فتح ۽ وطن عزيز جي دفاع لاءِ پاڪستان فوج جي قابل فخر ڪارڪردگي تي سنڌ اسيمبلي سومر ڏينهن پنهنجي اجلاس ۾ هڪ قرارداد متفقہ طور تي منظور ڪري ورتي. قرارداد قائد ايوان وزيراعليٰ سنڌ سيد بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ سنڌ اسيمبلي جي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان آمريڪا جي سفير نيٽلي اي بيڪر جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

لارڊ ميئر برمنگهم ڪائونسلر ظفر اقبال قومي اسيمبلي جي اجلاس جي ڪارروائي ڏٺي

اسلام آباد (اي پي پي) لارڊ ميئر برمنگهم ڪائونسلر ظفر اقبال سومر بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ مهانگائي گهٽائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن ۽ عام ماڻهن کي رليف ڏنو وڃي: صدر مملڪت جي وزيراعظم کي هدايت

وزيراعظم شهباز شريف ايوان صدر ۾ صدر سان ملاقات ڪئي، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار، اسپيڪر سردار اياز صادق، گهرو وزير محسن نقوي، اعظم نذير تارڙ ۽ سليم مانڊوي والا پڻ موجود هئا

اجلاس ۾ ملڪ جي مجموعي صورتحال، افغانستان سان لاڳاپيل مسئلن ۽ خطي ۾ بدلجندڙ صورتحال تي بحث ڪيو ويو، صدر مملڪت آصف زرداري مهانگائي گهٽائڻ لاءِ قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي

مشڪل جاگرافيائي ۽ علائقائي صورتحال، وچ اوڀر ۾ تڪرار ۽ سپلائي چين ۾ خلل جي باوجود، ماڻهن کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪيو وڃي، عام ماڻهن جي معيشت جو خيال رکڻ ضروري آهي: صدر

صدر آصف علي زرداري ناٽي جي ڦهلاءَ جي دٻاءُ کي گهٽائڻ، ضروري شين جي دستيابي کي يقيني بڻائڻ ۽ عام ماڻهو کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ممڪن قدم کڻڻ جي هدايت پڻ ڪئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) صدر آصف علي زرداري مهانگائي گهٽائڻ ضروري شين جي دستيابي کي يقيني بڻائڻ ۽ عام ماڻهو کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ممڪن قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي ايوان صدر پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم شهباز شريف ايوان صدر ۾ صدر سان ملاقات ڪئي ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار قومي اسيمبلي جو بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف صدر آصف علي زرداري سان ايوان صدر ۾ ملاقات ڪري رهيو آهي، پرڏيهي وزير اسحاق ڊار گهرو وزير محسن نقوي ۽ قومي اسيمبلي جو اسپيڪر سردار اياز صادق، اعظم نذير تارڙ ۽ سينيٽر سليم مانڊوي والا موجود آهن

افغان ناظر الامور پرڏيهي آفيس طلب، فتح خيل پوليس پوسٽ تي فتنہ الخوارج جي دهشتگردن جي حملي تي شديد احتجاج

دهشتگردن پاران گاڏي ۾ ڀريل بارودي مواد جي ذريعي بزدلاڻي حملي تي شديد احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو: آفيس جو ترجمان

پاڪستان جو هڪ ڀيرو ٻيهر افغان سرزمين جي پاڪستان خلاف دهشتگرد حملن لاءِ مسلسل استعمال تي شديد ڳڻتي جو اظهار

دهشتگردي خلاف جنگ هڪ گڏيل مقصد آهي ۽ افغان طالبان کي پنهنجي ان واعدي جي پاسداري ڪرڻي پوندي: افغان ناظر الامور جي اسحاق ڊار سان ڳالهہ ٻولهہ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان افغان ناظر الامور کي پرڏيهي آفيس طلب ڪري 9 مئي 2026ع تي خيبرپختونخواهہ جي ضلعي بنون ۾ فتح خيل پوليس پوسٽ تي فتنہ الخوارج جي دهشتگردن پاران گاڏي ۾ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

حڪومت شفاف ٽيڪنالاجي سان هم آهنگ نظام قائم لاءِ پرعزم آهي: سينيٽر اورنگزيب

ناڻي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽل نظام جي وڌندڙ ڪردار تي ڳالهيون

تجويزن ۽ سفارشن کي جاري بجيٽ سازيءَ جي عمل دوران انهن جو غور سان جائزو ورتو

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي تہ حڪومت شفاف، ٽيڪنالاجي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير محسن نقوي کي آذربائيجان جي هم منصب جو خط، بنون ۾ دهشتگرد حملي جي مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي کي آذربائيجان جي هم منصب ڪرنل جنرل ولايت ايوازوف خط بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

حج آپريشن 2026ع تحت 61 هزار کان وڌيڪ پاڪستاني حج پانڌيئڙا پلي پار پهچي ويا

پرنور فضائن ۾ لبيڪ اللهم لبيڪ جي ايمان افروز صدائن سان الله پاڪ جي مهمانن جو پلي پار آمد جو سلسلو جاري

ضيوف الرحمان جي خدمت ۽ سار سنڀال لاءِ هن وقت تائين 1288 اهلڪار پلي پار پهچي پنهنجون ذميواريون سنڀالي ورتيون

هن وقت مڪہ مڪرمہ ۾ موجود پاڪستاني حاجين جو انگ 49 هزار 495 کان وڌي 56 هزار 408 تائين پهچي چڪو: ترجمان

مڪہ مڪرمہ (اي پي پي) پلي پار جي پرنور فضائن ۾ لبيڪ اللهم لبيڪ جي ايمان افروز صدائن سان الله پاڪ جي مهمانن جو پلي پار آمد جو سلسلو عروج تي پهچي چڪو آهي. جنهن جي گذريل 24 ڪلاڪن دوران بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اماميہ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن پاران بنون ۾ پوليس چوڪي دهشتگرد حملي جي مذمت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اماميہ اسٽوڊنٽس بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

آءِ جي سنڌ سان الائيڊ بئنڪ جي گروپ هيڊ جي ملاقات، سيڪيورٽي معاملن ۽ گڏيل سهڪار تي ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس جي انسپيڪٽر جنرل جاويد عالم اوڍو سان بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف چارٽرڊ اڪائونٽنٽ جي وفد سان ملاقات ڪري رهيو آهي

اسلام آباد وڏي حادثي کان بچي ويو، بلوچستان مان عورت خودڪش بمبار گرفتار

انٽيليجنس ايجنسين بلوچستان مان هڪ عورت خودڪش بمبار کي گرفتار ڪري پاڪستان کي وڏي تباهي کان بچايو

اسان جي پرسان ويٺي عورت خودڪش حملو ڪرڻ جي مشن تي هئي، عورت خودڪش بمبار کي اسلام آباد ۾ حملي جو نشانو بڻايو ويو: سرفراز بگٽي

انٽيليجنس ايجنسي بروقت ڪارروائي ڪئي ۽ دهشتگرديءَ جي منصوبي کي ناڪام بڻايو، دهشتگردن جو بلوچ روايتن سان ڪو بہ تعلق ناهي

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي چيو آهي تہ انٽيليجنس ايجنسين بلوچستان مان هڪ عورت خودڪش بمبار کي گرفتار ڪري پاڪستان کي وڏي تباهي کان بچايو آهي ڪوئيٽا ۾ عورت خودڪش بمبار سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي مير سرفراز بگٽي چيو تہ اسان جي پرسان ويٺي عورت خودڪش حملو بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ 609.51 پوائنٽس جي گهٽتائي، 170506.31 پوائنٽس تي بند

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ سومر ڏينهن ڪاروباري هفتي جي شروعات تي ٻاڙائي جو رجحان بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

معرڪہ حق جو هڪ سال مڪمل ٿيڻ تي ايف سي بلوچستان جي آفيسرن پاران شهيدن جي يادگار تي حاضري

اسلام آباد (اي پي پي) معرڪہ حق جو هڪ سال مڪمل ٿيڻ تي ايف سي بلوچستان نارٿ جي آفيسرن ۽ نوجوانن شهيدن جي يادگار تي حاضري ڏني ۽ هنن بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ميڊيا ورڪرز جي حقن جو تحفظ اسان جي اولين ترجيح آهي: عطاءُ الله تارڙ

حڪومت جي اتحادين ۽ مخالف ڌر سان گڏجي صحافين جا مسئلا حل ڪيا ويندا

پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ ايسوسيئيشن آڏو صحافين جي روزگار بابت معاملو اٿاريو ويندو

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ ميڊيا ورڪرز جي حقن جو تحفظ بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير محمد جنيد انوار چوڌري پاران گوادر بندرگاهہ تي ٽيرف ۾ نمايان گهٽتائيءَ جو اعلان

بندرگاهہ کي خطي جي هڪ مضبوط ۽ ڀاڙيتي لاجسٽڪس ۽ ٽرانس شپمينٽ مرڪز طور تي مستحڪم ڪرڻ آهي

ڪارگو هينڊلنگ کي اهم مراعت طور تي گوادر بندرگاهہ تي جنرل ڪارگو کي هڪ مهيني تائين مفت اسٽوريج جي سهولت فراهم ڪئي ويندي

اسلام آباد (اي پي پي) سامونڊي معاملن واري وفاقي وزير محمد جنيد انوار چوڌري گوادر بندرگاهہ تي ٽيرف ۾ نمايان گهٽتائيءَ جو اعلان ڪندي چيو آهي تہ انهن قدمن جو مقصد گهري سمنڊ جي ان بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: وزيراعظم جي صدارت ۾ آءِ ٽي سيڪٽر جي ترقي بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

انا تي ضابطو ۽ خود احتسابي هڪ مهذب سماج جو بنياد آهي: مراد علي شاهہ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ انا بابت آگاهي واري بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران پنج ورهين جي نينگري سان زيادتي جي ڪيس ۾ جوابدار جي اپيل رد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو اهم فيصلو پنج ورهين جي نينگري سان بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب ۾ حج 2026ع جي انتظامن کي حتمي شڪل ڏني وئي

سڏيءَ ريٽ فائدو پاڪستان سميت سڄي دنيا مان ايندڙ لکين حاجين کي پهچندو

مڪہ مڪرمہ (اي پي پي) سعودي حج ۽ عمري واري وزارت حج جي ڏينهن ۾ حاجين جي سهولت ۽ تحفظ لاءِ پنهنجي وسيع بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي علائقائي واپار ۽ ٽيڪنالاجي جي مرڪز طور اڀري رهيو آهي: مراد علي شاهہ

هتي قابل تجديد توانائي ۽ برآمدات تي ٻڌل شعبن ۾ عالمي سيڙپڪارن لاءِ وڏا موقعا موجود آهن

بيجنگ يونائيٽيڊ انفارميشن ٽيڪنالاجي ڪمپني جي 32 رڪني اعليٰ سطحي وفد سان ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ اڳواڻي ڪندڙ چيني ڪمپنين کي سنڌ جي ڊجيٽل معيشت بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اعليٰ تعليمي ادارن کي سياسي، انتظامي ۽ مالي خودمختياري ڏني وڃي: سردار عبدالرحيم

فنڪشنل ليگ هائوس ۾ ايم ايس ايف سنڌ جي صوبائي عهديدارن جو اهم اجلاس ٿيو

جيستائين ادارا آزاد نہ ٿيندا، تيستائين تحقيق ۽ تعليم جو معيار بهتر نٿو ٿي سگهي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ (فنڪشنل) سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبد الرحيم چيو آهي تہ اعليٰ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ پوليو وائرس جي خاتمي لاءِ خصوصي بوسٽر مهم جو باقاعده افتتاح ڪيو ويو

ڪراچي ۾ صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو جي اڳواڻي ۾ مرڪزي افتتاحي تقريب ٿي

پوليو جي موذي مرض کان ٻارن کي محفوظ رکڻ لاءِ حفاظتي ٽڪا انتهائي ضروري آهن: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صحت واري صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو صوبي ۾ پوليو وائرس جي خاتمي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي برطانوي بادشاهہ جي وڪيل بئريسٽر سائره ڪبير شيخ کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

سنڌ حڪومت فلمي صنعت جي بحالي ۽ هنري وراثت لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي: شرجيل ميمڻ

سينيئر صوبائي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ميڊيا هائوسز ۽ صحافين لاءِ سهولتن جو جائزو ورتو ويو

فلمي منصوبن جو مقصد قومي بيانئي کي هنري وراثت، معاشري ۾ هاڪاري لاڙن کي اجاگر ڪرڻ آهي

هاڪاري ۽ ذميواراڻي صحافت معاشرتي ترقي ۾ اهم حيثيت رکي ٿي: اجلاس کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ اطلاعات کاتي جو هڪ اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو اجلاس ۾ اطلاعات واري وقتي سيڪريٽري معيزالدين پيرزادو بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2


فيصل آباد: هڪ ناري اسٽال تان خريداري ڪري رهي آهي

ڪراچي ۾ ڏيءَ جي جنازي ۾ شرڪت لاءِ ويندڙ پيءُ کي قتل ڪندڙ جوابدار گرفتار

سچل پوليس مقابلي ڪانپوءِ وحشي جوابدار صهيب کي زخمي حالت ۾ سوگهو ڪري ورتو

جوابدار ڌيءَ جي جنازي ۾ ويندڙ پيءُ منصور احمد کي قتل ۽ سنڌس پاڙ راشد علي کي زخمي ڪيو هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ڌيءَ جي جنازي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ويندڙ پيءُ کي قتل ۽ سنڌس چاچي کي زخمي ڪندڙ بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ محنتي شاگردن جي حق تي ڌاڙو هنيو پيو آهي: ڪاشف سعيد شيخ

من پسند ۽ بااثر ماڻهن کي ڪامياب قرار ڏئي ميرٽ جون ڌڄيون اڏايون پيون وڃن

ادارن ۾ موجود ڪاري رين جو صفايو ڪري نوجوانن جي حق ۽ ڀرتين جي عمل کي شفاف بڻايو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

بجلي اينري سستي ڪندا سين جو ماڻهو ڏينهن ۾ محفوظ ڪري رات جو استعمال ڪندا: اويس لغاري

اڄڪلهہ سبسڊي جي ڳالهہ ٿي رهي آهي، اسان موقعو ڏئي رهيا آهيون تہ خانگي ڪمپنيون اچن ۽ پاڻ سمارٽ ميٽر ڪڻي اچن

مسئلو تڏهن وڌيڪ ٿيندو آهي جڏهن ڊيفيڪٽو بل تي بل وڌو ويندو آهي، ڪر بہ ڊيفيڪٽو ميٽر ٽن مهينن کان وڌيڪ نہ هلي

ميٽرن جي خريداري ۾ بچت ڪئي وئي آهي ۽ ايندڙ هڪ ٻن سالن ۾ ڪمپنيون پرائيويٽ ٿي وينديون: توانائي وارو وفاقي وزير

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) توانائي واري وفاقي وزير اويس لغاري چيو آهي تہ اسان آءِ پي پيز کي مستقبل لاءِ دفن ڪري ڇڏيو آهي، بجلي اينري سستو ڪرڻ وارا آهيون جو ماڻهو بيٽري ۾ محفوظ ڪندا ۽ رات بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

جناح اسپتال ۾ شاگرد تنظيم جي ڪارڪنن خلاف غنڊاگردي ۽ ليڊي ڊاڪٽر کي هراسان ڪرڻ جو ڪيس داخل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جناح اسپتال ۾ شاگرد تنظيم (پي ايس ايف) جي ڪارڪنن پاران غنڊاگردي، سرڪاري ڪم ۾ مداخلت ۽ ليڊي ڊاڪٽر کي هراسان ڪرڻ تي صدر ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪيو بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس ڪارروائي، ٽي جوابدار گرفتار، 2 لک رپين جا جعلي نوٽ هٿ

الفلاح پوليس جعلي ڪرنسي ۾ ملوث جوابدارن ساجد شاهاڻي، صدام جتوئي ۽ ڪميل حمزه کي سوگهو ڪيو

جوابدار مبينا طور هڪ لک رپين جا جعلي نوٽ ڏئي 30 هزار رپيا وصول ڪندا هئا: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي الفلاح پوليس ڪارروائي ڪندي جعلي ڪرنسي ۾ ملوث ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري 2 لک بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ بس اڏي پرسان ٻن گروپن ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ 4 ڄڻا زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي صدر ڪراچي ۾ ڪوئيٽا بس اڏي ويجهو ٻن گروپن ۾ تڪرار بعد صورتحال شديد ٿي وئي، جنهن دوران فائرنگ جو واقعو پيش آيو جنهن ۾ ٻن نابالغن سميت چار ڄڻا بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2


سکر: لڳ ساڙيندڙ گرمي سبب سکر ريلوي اسٽيشن ٻاهر ويران نظر اچي رهيو آهي

ڊاڪٽر غلام علي ملاح جي پي اي آر آءِ جي چيئرمين جي اضافي چارج جي مدي ۾ 90 ڏينهن جي واڌ، نوٽيفڪيشن جاري

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي تعليم ۽ پيشيوراڻي تربيت واري وزارت ڪابينا جي فيصلي جي روشني ۾ ڊاڪٽر غلام علي ملاح کي اسلام آباد ڪيپيٽل ٽيريٽري پرائيويٽ ايجوڪيشنل انسٽيٽيوشنز ريگوليٽري اٿارٽي (آءِ سي ٽي- پي اي آر آءِ) بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ماءُ ٻارن جي پهرين درسگاهہ ۽ ڪردار سازي جي معمار آهي: اسپيڪر

مائرن جون قربانيون قومن جي ترقي ۽ سماجي بهتري لاءِ انتهائي اهم آهن

ماءُ جي شفقت انسان لاءِ قدرت جو سڀ کان قيمتي تحفو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر اويس قادر شاهہ مدرز ڊي جي موقعي تي دنيا جي سمورين مائرن کي خراج عقيدت ۽ محبت ڀريو سلام پيش ڪيو آهي. اسپيڪر سنڌ اسيمبلي اويس بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سيٺارجا لڳ شريسند پوروهيت جي 4 ٻڪرين کي زهر ڏئي ماري ڇڏيو، متاثر پاران انصاف جو مطالبو

سيٺارجا (ن ع) سيٺارجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ ۾ پير بخش راڄپر ۾ پوروهيت گدا حسين راڄپر جي ٻڪرين کي نامعلوم بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

بدين ويجهو ٽريڪٽر ٽرالي ڪلٽي ٿيڻ سبب ٻہ پوروهيت فوت، گهر ۾ ڪهرام

پيرولاشاري اسٽاپ وٽ حادثي ۾ عرس پٽ وڪيو ملاح ٿڏي تي دم ڏئي ڇڏيو

حادثي ۾ زخمي گل حسن پڻ اڊامس اسپتال ۾ زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو

بدين (ڊ ر) بدين حيدرآباد روڊ تي پيرولاشاري ويجهو پرهياڙ باٺوڊري وٽ ڪالهہ هڪ رڳي ڊاري ڪاٺين جي گاڏي پرڻ لاءِ ويندڙ ٽريڪٽر ٽرالي ڪلٽي ٿي وڃڻ ڪان هيٺ وڃي ڪري جنهن جي نتيجي ۾ عرس پٽ وڪيو ملاح ٿڏي تي فوت ٿي ويو جڏهن تہ گل حسن پٽ مير ملاح کي ڇٽتي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت ۽ هڪ پوروهيت نوجوان فوت ٿي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي سرجاني ٽائون سيڪٽر ڊي 3 خان بس اسٽاپ جي ويجهو گهر ۾ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ جي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

هڪجهڙائي، وقار ۽ بنا فرق جي اصولن جو تحفظ عدليہ جي بنيادي ذميداري آهي: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي

سپريم ڪورٽ ۾ هراسمينٽ جي روڪٿام بابت وفاقي محتسب فوزيہ وقار سان ملاقات ڪئي، محفوظ ۽ باعزت ماحول ڪنهن بہ اداري جي بنيادي ضرورت آهي

عدليہ آئيني اصولن جي تحفظ ۽ برابر انصاف جي فراهمي جي عزم تي ڪاربند آهي، محفوظ ۽ باعزت ماحول ڪنهن بہ اداري جي بنيادي ضرورت آهي

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان يحيٰ آفريدي چيو آهي تہ آئين ۾ داخل هڪجهڙائي، وقار ۽ بنا فرق جي اصولن جو تحفظ عدليہ جي بنيادي ذميداري آهي ۽ ادارن ۾ محفوظ، باعزت ۽ بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي بار جي چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي واري معاملي تي وڪيلن خلاف ڪيس داخل

سنڌ بار ڪائونسل جي هڪ ملازم جي فرياد تي نامعلوم ماڻهن خلاف داخل ڪيو ويو

چونڊ عمل دوران 30 کان 40 وڪيلن مبينا طور بيلٽ پيپر زبردستي کسي تعريبازي ڪئي: فريادي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي ساليانين چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي واري معاملي تي سٽي ڪورٽ ٿاڻي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2


حيدرآباد: هڪ مزدور پنهنجي ريڙهي تي برف وڪرو ڪري رهيو آهي

نيشنل بئنڪ کي راست پرسن ٽو مرچنٽ ڪمرشل شروعات جي منظوري ملي وئي

اسٽيٽ بئنڪ جي ڊجيٽل انوويشنز اينڊ سينڊباڪس پارليمينٽ جي نمائندن وچ ۾ خصوصي اجلاس ٿيو

منظوري پاڪستان ۾ ڊجيٽل ادائيگين ۽ ڪيش ليس معيشت جي فروغ لاءِ اهم اڳڀرائي قرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيشنل بئنڪ آف پاڪستان کي راست پرسن ٽو مرچنٽ (P2M) ايڪوائرنگ جي ڪمرشل شروعات بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين پاران پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاج

ڪراچي(بيورو رپورٽ) انجمن ترقي پسند مصنفين ڪراچي پيٽرول ۽ ڊيزل جي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2


حيدرآباد: مزدور سبزي منڊي ۾ ٽرڪ مان هندوانا لاهي رهيا آهن

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن پاران امتحاني عمل ۾ شفافيت، ميرٽ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن: ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ايس پي ايس سي) چيو آهي تہ بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اڻڄاتل هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مورو واسي نوجوان قتل

ڪورنگي صنعتي علائقي ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان ماجد علي لغاري تي فائرنگ ڪئي

مقتول جي فاطمہ نالي ڇوڪري سان دوستي هئي جنهن تان تڪرار بہ پيدا ٿيو هو: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي ميراڻي چوڪ ڪيال ڪميني ويجهو موٽر سائيڪل سوار جوابدارن فائرنگ ڪري 18 ورهين جي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڦورهن جي صورتحال ٻيهر خراب ٿي وئي، وارداتن ۾ رڪارڊ واڌ

سٽيزن پوليس لائزن ڪميٽي پاران جاري انگن اکرن موجب ڦورهن ۾ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي

اپريل مهيني ۾ مجموعي طور تي 42 شهري قتل ۽ هزارين ماڻهن جا موبائل فون ڦريا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ڦورهن جي صورتحال هڪ ڀيرو ٻيهر ڳڻتي جوڳي حد تائين خراب ٿي وئي آهي. سٽيزنز بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

12 مئي پاڪستان جي تاريخ جو هڪ انتهائي ڪارو ۽ ڏکوئيندڙ ڏينهن هو: فريد ابڙو

واقعي جو مقصد شهر ۾ خوف، بدامني ۽ انتشار ڦهلائي جمهوريت جي عمل کي ڪمزور ڪرڻ هو

ڪارساز سانحي جي شهيدن جون قربانيون جمهوريت جي جدوجهد جو حصو آهن: پ پ اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صدر آصف علي زرداري جي ويجهي ساٿي ۽ ڪئنيڊا ۾ مقيم پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2


ٽنڊو محمد خان: پيپلز پارٽي پاران معرڪہ حق جي سالگرهہ تي ريلي ڪيي پئي وڃي

ڪراچي ۾ مبينا پوليس مقابلا، هڪ جوابدار مارجي ويو بہ زخمي گرفتار هٿيار هٿ

گلاب واري علائقي ۾ مبينا مقابلي دوران مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ آصف طور ٿي

ڪلاڪوٽ ۽ اورنگي ٽائون جي علائقن ۾ مبينا مقابلن دوران ٻہ زخمي جوابدار سوگها

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ شهر جي مختلف علائقن ۾ پوليس ۽ مبينا ڦورن وچ ۾ مقابلا پيش آيا آهن جن دوران هڪ بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گودام جي ديوار ڪرڻ سبب رانڊ ڪندڙ ٻہ ٻارڙا دٻجي ويا، هڪ فوت

سهراب ڳوٺ جي علائقي نور خان ڳوٺ ۾ گودام جي ڪمزور ديوار اوچتو ڀڃي پئي

رانڊ ڪندڙ 3 ورهين جو ٻارڙو صفي الله موقعي تي ئي فوت ۽ 12 ورهين جو عثمان زخمي ٿي پيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سهراب ڳوٺ ٿاڻي جي علائقي نور خان ڳوٺ ۾ گلي نمبر هڪ ويجهو گودام جي ڪمزور ديوار اوچتو ڪري بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پاڻي جي ٽينڪي ۾ ٻڏي هڪ معصوم ٻار فوت

7 ورهين جو ٻار گهر اندر رانڊ ڪندي پاڻي جي ٽينڪي ۾ ڪري پيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اولڊ مظفر آباد واري علائقي ۾ هاشمي مسجد پرسان هڪ گهر اندر قائم پاڻي جي ٽينڪي ۾ ٻڏي هڪ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: رات جو آيل طوفاني هوائن ڪانپوءِ سي ڊي اي عملو روڊ صاف ڪري رهيو آهي

پيا بہ ملڪ جنگ جي خاتمي لاءِ رابطي ۾ آهن پر آمريڪا-ايران وچ ۾ رڳو پاڪستان آهي: ايران

مختلف ملڪن ايران سان رابطو ڪيو آهي ۽ ڪيئي علائقائي ملڪن کي ڇڪتاڻ ۾ واڌ تي سخت خدشا آهن

ايران ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي لاءِ انهن سمورن ملڪن جي ڪوشش جي واکاڻ ڪري ٿو جيڪي ڪردار ادا ڪن پيا: اسماعيل بقائي

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني پرڏيهي کاتي جي ترجمان اسماعيل بقائي چيو آهي تہ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ رڳو پاڪستان آهي جيڪو پنهنجون ڪوششون ڪري رهيو آهي سومر ڏينهن پريس ڪانفرنس دوران ايران-آمريڪا جي وچ ۾ جنگ جي خاتمي ۾ قطر جي ڪردار بابت خبرن تي ايراني پرڏيهي وزارت جي ترجمان چيو تہ بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

معرڪہ حق جي ڪاميابي، جي ايف 17 ٿنڊر عالمي ڌيان جو مرڪز بڻجي ويو

هٿياربند فوج مڪمل طور تي چوڪس ۽ ڪنهن بہ جارحيت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهي: ڪمانڊنگ آفيسر

پاڪ فضائيہ پنهنجي پيشيوراڻي مهارت ذريعي عالمي سطح تي نمايان مقام حاصل ڪري رهي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪ فضائيہ جي ڪمانڊنگ آفيسر ونگ ڪمانڊر نادر علي ۽ فلائيٽ ليفٽيننٽ نوشيروان جي قيادت جي وقت سر فيصلن ۽ معرڪہ حق دوران فضائيہ جي تيز ۽ موزون رد عمل کي خراج بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ تيز رفتار نامعلوم گاڏي جي ٽڪر سبب موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهراهہ نورجهان ٿاڻي جي علائقي شادمان ٽائون نمبر 2 دارالسرور لان ويجهو ٽريفڪ حادثي دوران موٽرسائيڪل سوار نوجوان کي تيز رفتار بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پوليس اهلڪارن جون قربانيون وسارڻ جوڳيون ناهن: سينيٽر روبينہ خالد

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن پاران بنون پوليس ٿاڻي تي دهشتگرد حملي جي مذمت

قوم پنهنجي بهادر شهيدن ۽ سيڪيورٽي فورسز جي قربانين کي هميشہ ياد رکندي

اسلام آباد (اي پي پي) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (بي آءِ ايس پي) جي چيئرپرسن سينيٽر روبينہ خالد بنون ۾ پوليس اسٽيشن فتح خيل تي دهشتگرد حملي جي مذمت ڪئي آهي هن فتنہ بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

ڪراچي رزاق آباد پوليس ٽريننگ سينٽر ويجهو مزدا گاڏي ڪلٽي، ڊرائيور فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهہ لطيف ٿاڻي جي علائقي رزاق آباد پوليس ٽريننگ سينٽر ويجهو آچر جي منجهند مزدا گاڏي اونڌي ٿي وئي هئي جنهن جي نتيجي ۾ بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار جو سعودي پرڏيهي وزير سان رابطو، خطي جي صورتحال تي ڳالهيون

سعودي وزير علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جي تعميري ڪردار کي ساراهيو

ٻنهي اڳواڻن آبنائي هرمز سميت سامونڊي سلامتي جي تحفظ جي اهميت تي بہ ڳالهايو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڪالهہ سومر ڏينهن سعودي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان آل سعود سان خطي جي بدلجندڙ صورتحال ۽ گڏيل بقايا نمبر 51 ڏسو صفحو 2

ڊي سي نوشهرو فيروز جي هدايتن تي تعليم کاتي ۾ گريڊ هڪ کان چوڏهين تائين جي ڀرتين لاءِ انٽرويو جاري

نوشهروفيروز(ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر نوشهرو فيروز محمد ارسلان سليم جي هدايتن تي تعليم کاتي جي ضلعي ايجوڪيشن آفيس سيڪنڊري نوشهرو فيروز ۾ گريڊ هڪ کان چوڏهين تائين جي ڀرتين لاءِ بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوالهيار ۾ اين سي ايڇ ڊي جي ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

مظاهرين سردار علي لنڊ، جمن خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

رهيل پگهارن سميت جائز مطالبا تسليم ڪري پريشاني دور ڪئي وڃي: مظاهرين

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ اين سي ايڇ ڊي جي ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو پريس ڪلب سامهون سردار علي لنڊ ، جمن خاصخيلي جي بقايا نمبر 52 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 صدر هدايت

اسپيڪر سردار اياز صادق، وفاقي گهرو وزير محسن نقوي، وفاقي قانون وارو وزير اعظم نذير تارڙ سينيٽر سليم مانڊوي والا ۽ ڊاڪٽر عاصم پڻ موجود هئا. اجلاس ۾ ملڪ جي مجموعي صورتحال، افغانستان سان لاڳاپيل مسئلن ۽ خطي ۾ بدلجندڙ صورتحال تي بحث ڪيو ويو. جڏهن ته سڄائي جي جدوجهد جي شهيدن ۽ پاڪستان جي هٿياربند فوج جي پيشيورانه صلاحيتن کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو ۽ قومي دفاع لاءِ غير متزلزل عزم کي ورجايو ويو. صدر چيو ته مشڪل جاگرافيائي ۽ علائقائي صورتحال، وچ اوڀر ۾ تڪرار ۽ سپلائي چين ۾ خلل جي باوجود، ماڻهن کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪيو وڃي. صدر افراط زر جي دٻاءَ کي گهٽائڻ ضروري شين جي دستيابي کي يقيني بڻائڻ ۽ عام ماڻهو کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ممڪن قدم کڻڻ جي هدايت پڻ ڪئي

بقايا 2 احتجاج

هٿيل بارودي مواد جي ذريعي بزدلاڻي حملي تي شديد احتجاج رڪارڊ ڪرايو آهي ان حملي ۾ 15 پوليس اهلڪار شهيد جڏهن ته هڪ شهري سميت 4 ماڻهو زخمي ٿيا. ڪالهه سومر ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب پرڏيهي وزارت افغان ناظم الامور کي آگاهه ڪيو ته واقعي جي تفصيلي جاچ جمع ٿيل ثبوتن ۽ فني انٽيليجنس مان ظاهر ٿئي ٿو ته ان حملي جي منصوبابندي افغانستان ۾ موجود دهشتگردن ڪئي پاڪستان هڪ ڀيرو ٻيهر افغان سرزمين جي پاڪستان جي خلاف دهشتگرد حملن جي لاءِ مسلسل استعمال

بقايا 9 گرفتار

سفاڪ ملزم زخمي حالت ۾ پوليس گرفتار ڪري ورتو سچل پوليس مقابلي ڪانپوءِ هڪ سفاڪ ملزم صهيب ولد رحمان علي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. ملزم ان ڪيس جو مرڪزي ملزم آهي جنهن ڏي جي جنازي ۾ ويندڙ ٻيءُ منصور احمد کي قتل ڪري ۽ سندس پياءُ راشد علي کي زخمي ڪري ڇڏيو هو. ملزم جي گرفتاري لاءِ ايس ايس پي ايسٽ ايس پي سهراب گوٺ جي سربراهي ۾ خاص ٽيم ٺاهي وئي هئي

بقايا 10 ڪاشف سعيد

سنڌ ڪاشف سعيد شيخ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (SPSC) ۾ ميرٽ جي مبينا پيڪڙين ۽ ڀرتين جي عمل ۾ سياسي مداخلت تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ من پسند ۽ بااثر ماڻهن کي ڪامياب قرار ڏئي حقدار ۽ محنتي شاگردن جي حق تي ڌاڙو هڻي ميرٽ جون ڌڄيون اڏايون پيون وڃن. "غير قانوني ڀرتين" کي عدالتن ۾ چئلينج ڪرڻ ۽ ميرٽ جي بحالي لاءِ اسان جي جدوجهد جاري رهندي SPSC پاران پنهنجي حق لاءِ احتجاج ڪندڙن ۽ سوشل ميڊيا تي تنقيد ڪندڙن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ بدران اداري ۾ موجود ڪاري رڍن جو صفايو ڪري صوبي جي نوجوانن کي سندن حق ۽ ڀرتين جي عمل کي شفاف بڻايو وڃي. صوبائي امير اڄ جاري ڪيل بيان ۾ وڌيڪ چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (SPSC) ۾ ميرٽ جي لتاڙ ۽ حقدار اميدوارن جا حق ڦبائڻ جا الزام هڪ ڀراڻو ۽ انتهائي سنگين مسئلو آهن جنهن خلاف

بقايا 33 گرفتار

صادق ڪيس پليڪار چيو جڏهن ته ميمبرن ٻه ڊيسڪ وڄائي سندس آجيان ڪئي

ڪرڻ جي مشن تي هئي عورت خودڪش بمبار کي اسلام آباد ۾ حملي جو نشانو بڻايو ويو انٽيليجنس ايجنسي بروقت ڪارروائي ڪئي ۽ دهشتگرديءَ جي منصوبي کي ناڪام بڻايو هن چيو ته دهشتگردن جو بلوچ روايتن سان ڪو به تعلق ناهي اسان ڇوڪرين کي تعليم ڏيڻ چاهيون ٿا جڏهن ته دهشتگرد انهن کي خودڪش جيڪٽون پائي رهيا آهن اسان ڇوڪري کي عزت سان سندس پيءُ جي حوالي ڪري رهيا آهيون

بقايا 34 بند

رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 51 .609 پوائنٽس جي گهٽتائي ڪانپوءِ 170506.31 پوائنٽس تي بند ٿيو ڪاروباري سرگرمين دوران 562 ڪمپنين جي شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي 234 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ اضافو 215 جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ 113 ڪمپنين جي شيئرز جي استحڪام رهيو

بقايا 35 عطاءُ الله تارڙ

اسان جي اولين ترجيح آهي. اتحادين ۽ مخالف ڌر سان گڏجي صحافين جا مسئلا حل ڪيا ويندا. ڪالهه سومر ڏينهن قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ سوالن جوابن جي وقفي دوران پيپلزپارٽي جي قومي اسيمبلي ميمبر شازيه مري جي سوال جي جواب ۾

بقايا 47 سينيٽر روبينه خالد

ڪندي قوم کي دعائن ۽ حمايت تي ٿورو مڃيو هن ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته هٿياربند فوج مڪمل طور تي چوڪس آهي ۽ ڪنهن به قسم جي جارحيت چاهي اها روايتي هجي يا هائبرڊ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهن هن جي ايف 17 ٿنڊر کي هڪ جديد، انتهائي اهم جنگي جهاز طور ساراهيو

الخوارج جي دهشتگردائي حملي ۾ پوليس اهلڪارن جي شهادت تي دلي افسوس جو اظهار پڻ ڪيو بي آءِ ايس پي طرفان جاري بيان موجب سينيٽر روبينه خالد چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ اسان جي پوليس اهلڪارن جون قربانيون وسارڻ جوڳيون ناهن شهيدن وطن جي امن ۽ عوام جي تحفظ لاءِ پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪيو

بقايا 48 فوت

نامعلوم گاڏي ٽڪر هنيو جنهن سبب هو سخت زخمي ٿي پيو ۽ بعد ۾ فوت ٿي ويو. ريسڪيو ذريعن موجب فوت ٿيل نوجوان جو لاش قانوني ڪارروائي لاءِ ڇيپا ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 49 فوت

ڊرائيور سخت زخمي ٿيو هو ۽ ڪيس اسپتال منتقل ڪيو ويو هو. پوليس موجب زخمي ٿيندڙ ڊرائيور رات دير سان جناح اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو. فوت ٿيندڙ ڊرائيور جي سڃاڻپ 35 ورهين جي حامد ولد راشد طور ٿي آهي، جيڪو بلديه ٽائون جو رهواسي هو.

بقايا 50 جاري

انٽرويو جاري آهن پهرين ڏينهن تي گورنمينٽ مدرسه هاءِ اسڪول ۾ انٽرويو ورتا ويا. ضلعي ايجوڪيشن آفيسر سيڪريٽري غلام حسين هليو ان موقعي تي چيو ته ڪاٽي ۾ 13372 اميدوارن درخواستون ڏنيون آهن جڏهن ته ڪاٽي ۾ 384 سيٽون خالي آهن. ان موقعي تي سيڪشن آفيسر ايس اينڊ جي ڊي معشوق احمد لنڊ ۽ ٻين اميدوارن جو انٽرويو ڪيو

بقايا 51 ڳالهيون

دلچسپي جي معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب سعودي پرڏيهي وزير علائقائي امن ۽ استحڪام جي فروغ جي لاءِ پاڪستان جي تعميري ڪردار کي ساراهيو ۽ خاص طور تي ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ جاري رابطن جي ڏس ۾ اسلام آباد جي ڪوشش جي حمايت جو ورجاءُ ڪيو

بقايا 52 احتجاج

اڳوائي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي فيڊريجرس ايسوسيئيشن اين سي ايڇ ڊي جي ملازمن ميڊيا آڏو ڳالهائيندي چيو ته اسان مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهيون پر اسان جا جائز مطالبا تسليم نه پيا ڪيا وڃن اسان کي ريگيولر ڪري آئي ڊيون ڏائي اسان جون پگهارون عام استادن جيترين ڪيون وڃن ۽ 22 سال سروس ڪندڙ استادن کي پرائمري استادن وارين مڪمل مراعتون ڏئي پڪو ڪيو وڃي

آفيس آف دي
ايگزيڪيوٽو انجنيئر، پرووينشل هاءِ ويز ڊويزن، عمرڪوٽ

نمبر: TC/G-55/446 آف 2026، عمرڪوٽ تاريخ: /05/2026

مهربند ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

01. جيئن ته ڊويزنل اوورسائيٽ ڪميٽي مالي سال 2026_2025 لاءِ پروگرام سان گڏ M&R جي ڪم نمبر 01 جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي، تنهن ڪري هيٺ ڏنل ڪم لاءِ SPP رولز 2010 (تازي ترميم ٿيل) تحت دلچسپي رکندڙ ماڻهن، ٺيڪيدارن، ڪمپنين ۽ فرمز کان معياري بڊنگ دستاويزن (SBDs) تي مهربند ٽينڊرز گهرايا وڃن ٿا.

ڪم جي لسٽ

شمار نمبر	ڪم جو نالو	ڪٽيل رقم (ملين ۾)	5٪ بڊ سيڪيورٽي ملين ۾ CD-R فقط	ٽينڊر في	مخصوص ڪوڊ	ٺيڪيدار جي ڪيٽيگري	مڪمل ڪرڻ جو مدو
1.	فوجي چوڪ کان عمرڪوٽ چيڪ پوسٽ ميل 0/0_1/0 (1.61 ڪلوميٽر) تائين روڊ جي اپ گريڊيشن	177.248 ملين	8.865 ملين	5000/-	CE-01, CE-10	C-4 ۽ مٿي	جون 2026 تائين

ٽينڊرن جي جاري، وصولي ۽ کلڻ جو پروگرام

نمبر	تفصيل	پهرين ڪوشش	ٻي ڪوشش (ٽينڊر جي موٽ نه ملڻ جي صورت ۾)
1.	اخبار ۾ NIT جي اشاعت کانپوءِ درخواستن جي وصولي ۽ ٽينڊر جاري ڪرڻ جي آخري تاريخ صبح 9:30 تائين (ڪنهن به ڪم واري ڏينهن).	01-06-2026	16-06-2026
2.	ٽينڊرز صبح 10:00 وڳي وصول ڪيا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن صبح 10:15 وڳي کوليا ويندا.	01-06-2026	16-06-2026
3.	واڪ دستاويز SPPRA EPADS جي ويب سائيٽ تي رکڻ کانپوءِ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.		
4.	سموريون آڇون صرف SPPRA اي_پروڪيورمينٽ سسٽم ((EPADS ذريعي آن لائن -/5000 تي يا ان کان اڳ صبح 10:00 وڳي تائين جمع ڪرائيون پونديون ۽ ساڳئي ڏينهن صبح 10:15 وڳي کوليون وينديون.		

02. درخواست ڪيئن ڪجي:

a. تفصيلي شرطن ۽ ضابطن تي ٻڌل واڪ دستاويز http://portalsindh.eprocurc.gov.pk تان ڏسي ۽ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

b. آڇون صرف اليڪٽرانڪ طور "EPADS" ذريعي جمع ڪرائڻيون پونديون. هٿرادو آڇ قبول نه ڪئي ويندي.

c. دلچسپي رکندڙ واڪ لڳائيندڙن کي لازمي طور تي "EPADS" تي رجسٽريشن ڪرڻي پوندي.

d. ٽينڊر في جو اصل پي آرڊر ۽ بڊ سيڪيورٽي جو ڪال ڊپازٽ، واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تي يا ان کان اڳ لاڳاپيل ڪاٽي کي پهچائڻ لازمي آهي.

03. اهليت / لازمي شرطون:

i. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ ڪوڊس ۾ جون 2026 تائين جو صحيح رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ.

ii. (a) گذريل ٽن سالن دوران ريگستاني علائقي ۾ اندازي مطابق خرچ جي 80 سيڪڙو جي برابر گهٽ ۾ گهٽ هڪ ساڳئي نوعيت جو مڪمل ٿيل ڪم.

(b) گذريل ٽن سالن دوران ريگستاني علائقي ۾ اندازي مطابق خرچ جي 50 سيڪڙو جي برابر گهٽ ۾ گهٽ ٻه ساڳئي نوعيت جا مڪمل ٿيل ڪم.

iii. فرم سان گڏ ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جو بائيو ڊيٽا.

iv. گذريل 3 سالن جو ساليانو ٽرن اوور، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ڪم جي اندازي مطابق قيمت کان ٻيڻو هجي.

v. گذريل 3 سالن جون ساليانيون آڊٽ رپورٽون (ICAP رجسٽرڊ فرم کان).

vi. مشينري ۽ سامان جي لسٽ ۽ ملڪيت جا ثبوت.

vii. بينڪ سرٽيفڪيٽ جنهن ۾ گذريل 3 سالن دوران ڪم جي ڪل قيمت جي 15 سيڪڙو جي برابر مالي حيثيت ظاهر هجي.

viii. انڪم ٽيڪس ڪاتي (NTN) سان رجسٽريشن ۽ FBR ۾ ايڪٽو اسٽيٽس.

ix. گذريل ٽن سالن جا ساليانا انڪم ٽيڪس ريٽرنز.

x. سنڌ روينيو بورڊ (SRB) سان رجسٽريشن جو سرٽيفڪيٽ (ايڪٽو اسٽيٽس سان).

xi. ٽيڪنيڪل پروپوزل جو هر صفحو نمبر ٿيل هجي ۽ فرم جي مالڪ پاران تصديق ٿيل ۽ مهر لڳل هجي.

03. خريداري جو طريقو (هڪ مرحلي تي ٻه لفافي).

04. واڪ / ٽينڊر جا دستاويز:

1. معاهدي جا دستاويز ۽ ٻيا شرط SPPRA جي سرڪاري ويب سائيٽ يعني "e.pprasindh.gov.pk" تان ڏسي يا ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿيون. ٽينڊر في جي رقم -/5000 روپيا ۽ مٿي ذڪر ڪيل بڊ سيڪيورٽي لازمي طور تي ڪنهن به شيڊول بينڪ مان ڪال ڊپازٽ جي صورت ۾، ايگزيڪيوٽو انجنيئر پرووينشل هاءِ وي ڊويزن عمرڪوٽ جي نالي تي (فرم جي نالي سميت)، ٽيڪنيڪل بڊ / ٽينڊر سان گڏ شامل هجڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ اهڙا ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.

2. ڪال ڊپازٽ (CD-R) کانسواءِ ٻي ڪنهن به صورت ۾ بڊ سيڪيورٽي قبول نه ڪئي ويندي.

3. ٽيڪنيڪل پروپوزل جي جاچ لاءِ اهليت جو معيار ۽ ڏيلي معيار "ها/نه" (Yes/No) يا "پاس/فيل" جي بنياد تي هوندو. جيڪڏهن ڪو واڪ لڳائيندڙ ڪنهن به معيار ۾ ناڪام ٿيو ته هو نااهل قرار ڏنو ويندو.

4. ٽينڊر خريداري ڪميٽي جي موجودگي ۾، حصو وٺندڙ ٺيڪيدارن/فرمن يا انهن جي بااختيار نمائندن جي آڏو کوليا ويندا جيڪي موجود رهڻ چاهين.

5. آڇ هڪ سنگل پيڪيج تي ٻڌل هوندي جنهن ۾ ٻه الڳ الڳ لفافا هوندا. هڪ لفافي ۾ مالي تجويز ۽ ٻئي ۾ فني تجويز هوندي. مونجهاري کان بچڻ لاءِ لفافن تي واضح اکرن ۾ فني ۽ مالي تجويز لکيل هجي.

6. ٽيڪنيڪل پروپوزل کولڻ بعد فرم جي فني اهليت جي جانچ ڪئي ويندي. فني طور تي اهل قرار ڏنل فرمن جون مالي آڇون/تجويزون ان تاريخ ۽ وقت تي کوليون وينديون جنهن بابت تمام اهل ٺيڪيدارن کي اڳواٽ لکت ۾ اطلاع ڏنو ويندو. فني طور تي نااهل فرمن جون مالي آڇون بغير کولڻ جي واپس ڪيون وينديون.

7. فني طور تي اهل پروڊيڪ ريٽ جي ڪري رد ٿيل آڇن جا CD-R ڪامياب واڪ لڳائيندڙ کي ورڪ آرڊر جاري ٿيڻ بعد واپس ڪيا ويندا.

8. جيڪڏهن ٽينڊر کولڻ واري ڏينهن خريداري ڪميٽي جو ڪو ميمبر هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هوندو ته آڇون ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊول موجب جمع ۽ کوليون وينديون.

9. جوائنٽ وينچر جي اجازت نه هوندي.

10. نئون حلف نامو ته فراهم ڪيل تمام دستاويز/تفصيل ۽ مشينري جي معلومات درست آهي. ڪنهن به اسٽيج تي ڪوڙي يا غلط معلومات ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ ڪمپني کي بليڪ لسٽ ڪيو ويندو.

11. اي_اسٽامپ پيپر تي مالڪ جا تفصيل بشمول سڃاڻپ ڪارڊ نمبر؛ نمائندي کي مالڪ پاران اي_اسٽامپ پيپر تي اختيار هجڻ گهرجي.

12. فرم جي صورت ۾، ڊائريڪٽرن/مالڪن جا مڪمل تفصيل يا پاور آف اٽارني سان لاڳاپيل دستاويز فراهم ڪيا وڃن.

13. اسٽامپ پيپر تي خاطري ته فرم ڪنهن به قسم جي قانوني ڪارروائي، ڪاٽي سان تڪرار، يا ڪم اڌ ۾ ڇڏڻ ۾ ملوث ناهي.

14. نئون حلف نامو ته فرم اڳ ۾ ڪنهن به اداري پاران بليڪ لسٽ ٿيل ناهي.

15. ٽينڊر لازمي طور تي گهربل دستاويزن سان گڏ جمع ڪرائڻا پوندا. ڪنهن به دستاويز جي گهٽتائي جي صورت ۾ ٽينڊر تي غور نه ڪيو ويندو ۽ ڪو به عذر قبول نه هوندو.

• بولي جمع ڪرائڻ، پڇا ڳاڇا ۽ کولڻ جي جڳهه ۽ رابطو:

o پتو: آفيس آف دي انڊرسائينڊ، واقع ويجهو ٽين تلوار چوڪ، هاءِ وي ڪالوني عمرڪوٽ.

o اي ميل ائڊريس: executiveengineerphdumerkot786@gmail.com

05. شرط ۽ ضابطا:

a. هيٺين حالتن ۾ آڇ رد ڪئي ويندي:

i. ڪا به شرطيا، اليڪٽرانڪ يا ٽيليگرافڪ بولي قبول نه ڪئي ويندي.

ii. گهربل رقم ۽ فارم جي اصل بڊ سيڪيورٽي کان سواءِ آڇون.

iii. مقرر تاريخ ۽ وقت کان پوءِ مليل آڇون.

iv. بليڪ لسٽ ٿيل فرمون.

b. اصل بڊ سيڪيورٽي کانسواءِ ڪنهن به واڪ لڳائيندڙ کي عمل ۾ حصو وٺڻ جي اجازت نه هوندي.

c. آڇ جو ڪارآمدي مدو (90 ڏينهن) آهي.

d. پروڪيورمينٽ اٿارٽي کي حق حاصل آهي ته هو SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019-20) تحت ڪا به يا سموريون آڇون رد ڪري سگهي ٿي.

06. عام موڪل يا هڙتال جي صورت ۾، واڪ جمع ڪرائڻ/کولڻ جي تاريخ ايندڙ ڪم وارو ڏينهن ساڳئي وقت سان هوندي.

کلڻ:

07. جيڪڏهن ٽينڊر کلڻ واري ڏينهن خريداري ڪميٽي جو ڪو ميمبر هيڊ آفيس کان ٻاهر هوندو ته آڇون ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊول موجب جمع ۽ کوليون وينديون.

نوٽ: ٽينڊر کلڻ واري ڏينهن حڪومت پاران جاري ڪيل COVID-19 جي SOPs تي سختيءَ سان عمل ڪيو ويندو.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پرووينشل هاءِ وي ڊويزن
عمرڪوٽ

I WORK FOR SINDH — A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT — www.iwork4sindh.com

INF/KRY/1837/2026



Karachi Diplomatic & Social Roundup Page

12.05.2026







The Foreign Affairs Liaison Office Karachi of Pakistan's Ministry of Foreign Affairs hosted a farewell and welcome reception for members of the Consular Corps at the State Guest House, where Director General Muhammad Irfan Soomro praised Karachi as a key center for diplomacy, trade, investment, and economic opportunities. He paid tribute to outgoing diplomats Mr. Lance Gavin Domm and Mr. Alexis Chahtahtinsky, while welcoming newly arrived diplomats Mr. Mudzakir, Mr. Akbar Eissazadeh, Mr. Ergul Kadak, and Mr. Joohoon Kim. Soomro highlighted Karachi's vibrant business environment and encouraged diplomats to strengthen people-to-people ties, trade, investment, and educational exchanges between Pakistan and their respective countries. British Deputy High Commissioner Lance Gavin Domm emphasized the strong UK-Pakistan relationship, bilateral trade, cricket diplomacy, and the presence of Pakistani students and professionals in the UK, while French Consul General Alexis Chahtahtinsky praised Pakistan's hospitality and longstanding relations between France and Pakistan. The event concluded with the presentation of shields and flowers to outgoing and incoming diplomats.








Tara Uzra Dawood visited Milan to strengthen ties with Pakistan's diplomatic community and promote opportunities for Pakistani women entrepreneurs abroad. During her visit, she met Murad Baseer to discuss launching LADIESFUND Milan, a platform aimed at networking, mentorship, and business development for women. Talks also focused on enhancing Pakistan-Italy collaboration in sustainable fashion, cultural heritage, and creative industries through webinars and joint initiatives. Ms Dawood emphasized the importance of connecting Pakistani women globally to unlock their economic and creative potential, while Consul General Baseer assured full support in linking expat women in Milan with Pakistan. She also met philanthropist Nadia Abbasi, who praised the initiative and expressed support for promoting women-led businesses and community engagement in Milan.





Rotary Club of Karachi hosted Abdullah A. Fadil as the guest speaker at a dinner meeting held at Pearl Continental Hotel on April 28, 2026, where he delivered an informative talk on "Lead-Free Pakistan and the World." The event was presided over by Club President Naila Masood and attended by Rotarians and distinguished guests.



English Speaking Union of Pakistan hosted Sherry Rehman for a keynote address, followed by a group photograph with Union office-bearers including President Pervez Haroon Madraswala, Chairman Aziz Memon, Secretary Majyd Aziz, Kaleem Farooqui, Irfan Qureshi, Athar Iqbal and others.



At a reception hosted by Pakistan Institute of Hockey in honour of the newly elected office-bearers of Sports Journalists Association of Sindh, the guests posed for a group photograph with chief guest Akhtar-ul-Islam, Physical Trainer Muhammad Talib, PIH Secretary Javed Iqbal, President Zahid Shahab, SJAS Secretary General Mujahid Solangi, Mahmood Riaz, Faizan Lakhani, Tariq Aslam, Shahid Ansari, Asghar Azeem, Sohail Khan, Junaid Rajput·Junaid Ahmed, and others.

منظور آباد کي پيئڻ جي پاڻي لاءِ هڪ سال اڳ مليل واٽر سپلاءِ اسڪيم رولڙي جو شڪار

سپلاءِ اسڪيم ۾ مبينا ناقص مٽيريل استعمال ٿيڻ جو انڪشاف، پائيپ لائين هنڌان هنڌان ٽٽي وئي

ڏهه هزار کان وڌيڪ آبادي شديد گرمين ۾ پيئڻ جي پاڻي جي شديد ڪوٽ کي منهن ڏيڻ تي مجبور بڻيل

پبلڪ هيلٿ کاتي جي نگراني ۾ هلندڙ اسڪيم جو ٺيڪيدار پڻ غائب، عوام بنيادي حق پاڻي پئسن عيوض خريد ڪرڻ تي مجبور

ماتيجهنڊڻ (ن ع) منظور آباد کي پيئڻ جي پاڻي لاءِ هڪ سال اڳ مليل واٽر سپلاءِ اسڪيم ۾ مبينا ناقص مٽيريل استعمال ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي 7000 هزار فوٽ پائيپ لائين هنڌان هنڌان ٽٽي وئي جنهن سبب واٽر سپلاءِ لائن نائين نه پهچي سگهيو جنهن سان منظور آباد جي ڏهه هزار کان وڌيڪ آبادي شديد گرمين ۾ پيئڻ جي پاڻي جي شديد ڪوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي جنهن سان انسانن سان گڏ جانورن کي به سخت تڪليفون اچي رهيون آهن پبلڪ هيلٿ کاتي جي نگراني ۾ هلندڙ اسڪيم جو ٺيڪيدار پڻ غائب ٿي ويو آهي جنهن سبب عوام بنيادي حق پاڻي پئسن عيوض خريد ڪري ٿو سنڌن ڪاروبار روزگار پڻ سخت متاثر ٿي رهيو آهي ڪيترائي سرندي وارا رهواسي تڪليف سبب حيدرآباد سميت مختلف شهرن ڏانهن لڏ پلاڻ ڪري ويا آهن جڏهن ته غريب آبادي عذاب واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي هتان جي رهواسين بلاول ڀٽو، انور ڀاڄڙو، مدد علي سولنگي ۽ ٻين چيو ته ضلع ڪائونسل جو چيئرمين سنڌ روسي مان چونڊيل آهي جيڪو ووٽ نه ڏيندڙن کان انتقامي ڪارروائي ڪندي سيني جو پاڻي بند ڪرايو آهي

مُلاڪاتيار ويجهو ڳوٺ اصغر آباد ۾ زمين جي وڪري وارو مامرو

محسن علي حسڻ ۽ احسان علي حسڻ کان باقاعده ڪاتو پڻ ڪرائي ورتو آهي: ٺواب علي

هاڻي معاهدو مڪمل ٿيڻ باوجود آئون زمين تي وڃان ٿو ته جاٿايل ماڻهو ڌمڪائين ٿا

ملاڪاتيار (ن ع) مُلاڪاتيار ويجهو ڳوٺ اصغر آباد ۾ زمين جي وڪري واري معاملي تي زمين خريد ڪندڙ ٺواب علي ولد سائين بخش حاجاڻو پنهنجي موقف ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته هن زمين جا مڪمل پئسا ادا ڪرڻ بعد ڪاتيدار محسن علي حسڻ ۽ احسان علي حسڻ کان باقاعده ڪاتو پڻ ڪرائي ورتو آهي، پر هاڻي معاهدو مڪمل ٿيڻ باوجود آئون زمين تي وڃان ٿو ته احسان حسڻ، عبدالرزاق حسڻ، عنايت حسڻ ۽ محسن حسڻ بدمعاشي ڪري ڪين روڪين ٿا ۽ روڊ رستي تي جهيڙي لاءِ تيار بيٺل هوندا آهن. ٺواب علي حاجاڻو چيو ته هي ٻئي ڄڻا پوليس اهلڪار دلشاد علي حاجاڻو تي بي بنياد الزام لڳائي سندس ڪردار ڪشي ڪري رهيا آهن، جڏهن ته هن معاملي سان سندس ڪو به تعلق ناهي، اهڙي عمل سان سندس ساک کي نقصان پهچايو پيو وڃي. هن صوبائي وزير روينيو، ڪمشنر حيدرآباد، ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر بلڙي شاهه ڪريم کان اپيل ڪئي ته معاملي جي شفاف انڪوائري ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي. هن ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ۽ ايس ايڇ او مُلاڪاتيار کان پڻ گهر ڪئي ته کين قانوني تحفظ فراهم ڪيو وڃي جيڪڏهن کين ڪو به جاني نقصان ٿيو ته ان جا ذميوار مٿيان هوندا.



ملاڪاتيار: متاثر ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ پيپلزپارٽي طرفان معرڪ حق جي ياد ۾ ريلي

ضلع صدر ايم پي اي سيد اعجاز شاهه بخاري جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

اڄوڪي ڏينهن تي پاڪ فوج ڀارت جي فوج کي عبرتناڪ شڪست ڏني: اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (ذ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ پيپلزپارٽي طرفان معرڪ حق جي سلسلي هيٺ الفتاح چوڪ کان ڦليلي پل تائين ريلي ڪڍي جشن ڪيو ويو ريلي ۾ پيپلزپارٽي جي سوين ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. معرڪ حق ريلي جي اڳواڻي پيپلزپارٽي جي ضلع صدر ايم پي اي سيد اعجاز شاهه بخاري، پ پ ايم پي اي خرم ڪريم سومرو، سيد صلال شاهه بخاري، ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين سيد شاهنواز شاهه، جمن ڪيهر ۽ ٻين جي اڳواڻي هيٺ ڪڍي وئي. انهي موقعي تي معرڪ حق ريلي ۾ شريڪ اڳواڻن ڪارڪنن، شهرين طرفان پاڪ فوج زنده آباد، پاڪستان زنده جا نعرا هنيا ويا ۽ ڦليلي پل تي جشن طور آتش بازي جي تقريب پڻ منعقد ڪئي وئي. معرڪ حق ريلي جي موقعي تي پ پ ايم پي اي سيد اعجاز شاهه بخاري، پ پ ايم پي اي خرم ڪريم سيد صلال شاهه بخاري، ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان جي عوام لاءِ اڄ خوشي جو ڏينهن آهي اڄوڪي ڏينهن تي پاڪ فوج ڀارت جي فوج کي عبرتناڪ شڪست ڏني. پاڪستان جو نالو پوري دنيا ۾ روشن ڪيو. اسان پاڪ آرمي کي سلام پيش ٿا ڪيون. ريلي دوران ڦليلي پل تي آتش بازي پڻ ڪئي وئي.

سکر موٽر ورڪس ايسوسيئيشن جي چيئرمين اليڪشن سيد سجاد علي شاهه جا انڪشاف

سکر (بيورو رپورٽ) سکر موٽر ورڪس ايسوسيئيشن جي چيئرمين اليڪشن سيد سجاد علي شاهه انڪشاف ڪيو آهي ته سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ جي 12 فيبروري 2025ع واري فيصلي کان پوءِ سکر موٽر ورڪس ايسوسيئيشن جي اڳوڻن عهديدارن غلام رسول ملڪ جي سرپرستي ۾ اڳوڻي صدر تاج محمد شيخ، آصف ڪوڪ، سعيد بلو ۽ ٻين طرفان ڪروڙين روپين جي ماليت وارا پلاٽ تيزي سان وڪرو ڪيا ويا آهن، جڏهن ته غريب محنت ڪش مسترين جي پلاٽن تي به قبضن ۽ ڏاڍ لڳايا پيا وڃن.هن وڌيڪ انڪشاف ڪيو ته ڪيترائي اهڙا ميمبر به آهن جن وٽ رجسٽريون موجود آهن پر انهن جا پلاٽ مبينا طور بلڊر مافيا کي وڪرو ڪيا ويا آهن جنهن سبب متاثر مستري سخت پريشاني ۾ آهن.جاري ڪيل بيان مطابق هن چيو ته معزز عدالت جي حڪمن تي به عملدرآمد نه پيو ڪيو وڃي، هن ٻڌايو ته ڊي سي سکر ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين سان ڪيترائي ڀيرا ملاقاتون ڪيون آهن پر ڪو به مؤثر جواب نه مليو آهي.هن الزام لڳايو ته نيو تعلقو سکر جو ڪجهه عملو به هن معاملي ۾ ملوث آهي ۽ جعلي ڪاتا تيار ڪيا پيا وڃن.بيان ۾ چيو ويو آهي ته جيڪي ميمبر وفات ڪري ويا آهن، الله تعاليٰ انهن جي مغفرت فرمائي، انهن جي ميمبرشپ انهن جي وارثن کي منتقل ڪئي ويندي، جڏهن ته جيڪي ميمبر پنهنجون ملڪيتون وڪرو ڪري چڪا آهن انهن جي ميمبرشپ ختم سمجهي ويندي.هن وڌيڪ چيو ته سکر موٽر ورڪس ايسوسيئيشن جي دستور مطابق جيڪو ميمبر ماهوار چندو ادا نه ڪندو اهو ووٽ ڏيڻ جو اهل نه هوندو، بيان ۾ اهو به ٻڌايو ويو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر جي 12 فيبروري 2025ع واري فيصلي مطابق ميمبرن تي ماهوار چندو لاڳو آهي ۽ سڀ فيصلا اتفاق راءِ سان ڪيا ويندا.چيئرمين اليڪشن ڪميٽي سيد سجاد علي شاهه اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر جي فيصلي تي عمل ڪرائيندي سکر موٽر ورڪس ايسوسيئيشن جو رڪارڊ ۽ آفيس اليڪشن ڪميٽي حوالي ڪرايو وڃي.

شهدادڪوٽ جي سماج سڌارڪ اڳواڻ پاران پريس ڪلب جو دورو

شهدادڪوٽ (ذ ر) عورتن جي حقن لاءِ جاکوڙيندڙ سماج سڌارڪ اڳواڻ ميڊم عابده سيلرو پريس ڪلب جو دورو ڪيو ان موقعي تي عورت اڳواڻ پريس ڪلب جي مختلف شعبن ۽ زير تعمير بلڊنگ جو معائنو ڪيو. ان موقعي تي عورت سماج سڌارڪ اڳواڻ ميڊم عابده سيلرو چيو ته پريس ڪلب عوام جي حقن کي تحفظ ڏيارڻ ۽ مسئلن جي حل ڪرائڻ جو موثر تمام سستو ۽ تيز ذريعو آهي عورت اڳواڻ نئين چونڊيل باڊي کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون ۽ گلن جا تحفا پيش ڪيا هن چيو ته چونڊيل باڊي ۾ شامل سمورا صحافي عوام دوست، ساک رکندڙ ۽ عوامي مسئلن جي حل ۾ دلچسپي رکندڙ آهن کين مبارڪون پيش ڪجن ٿيون

چوهڙجمالي شهر ۾ باهه لڳڻ وارو واقعو، ڊي سي سجاول پهتو

ڊپٽي ڪمشنر سجاول زاهد حسين رند دڪاندارن وٽ پهچي تفصيل ورتا

متاثر دڪاندارن پاران حڪومت کان مالي سهائتا جي اپيل، ڊي سي پاران خاطري

چوهڙجمالي (ن ع) چوهڙجمالي شهر ۾ گذريل ڏينهن لڳل باهه دوران 20 کان وڌيڪ دڪان سڙي ويا، دڪانن ۾ پيل ڪروڙين روپين جو نقصان ٿيو آهي. ڊپٽي ڪمشنر سجاول متاثر دڪاندارن وٽ پهتو باهه دوران ڪاٺ جا دڪان، لوهار، واڍا، چمڙي جا دڪان، ايزي لوڊ شاپ، پان شاپ سميت ڪيترن دڪانن کي باهه سبب دڪانن ۾ رکيل سامان سڙي رک ٿي ويا جنهن ۾ رکيل سامان ۽ روڪ رقم جي قيمت ڪروڙين روپيا ٻڌائي پيئي وڃي باهه واقعي دوران علي اصغر ڪيهر، اسلم ڪيهر، عثمان ڪيهر، صابر ڪيهر، عباس ڪيهر، حاجي غلام حسين جتوئي، عبدالرزاق جتوئي، حاجي حنيف سولنگي، اسحاق لوهار، احمد ڪچي، وڪيو خاصخيلي، الهڏنو ميمڻ، عليناز پٽي، انور پٽي، الطاف پٽي، احمد علي شاهه، رجب واڍو، راجا واڍو، عبدالڪريم ميمڻ، احسان خاصخيلي، ملوڪ بروهي، شاهه بران پٺاڻ، غني مگسي، نانگسي مهيشوري ۽ ٻين جا دڪان شامل آهن. ڊپٽي ڪمشنر سجاول زاهد حسين رند، اسسٽنٽ ڪمشنر شاهبندر زاهد حسين ميراڻي، واپاري ايسوسيئيشن ضلع سجاول جو صدر حافظ رياض ميمڻ، مختيارڪار شاهبندر ذوالفقار علي ڪانڌڙو متاثر دڪاندارن وٽ پهچي تفصيل ورتا ۽ ازالي ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي، ان موقعي تي واپاري ايسوسيئيشن چوهڙجمالي جو صدر حاجي محمد صديق نوراني، حافظ فضل الله، محمد علي جتوئي پڻ موجود هيا. متاثر دڪاندارن پاران حڪومت کان مالي سهائتا جي اپيل ڪئي.



چوهڙ جمالي: ڊي سي باهه متاثرين کان معلومات وٺي رهيو آهي

سڪرنڊ ۾ مرحوم ڪامريڊ غلام علي ڪيريو جي چاليهي تي ميڙاڪو

ڪامريڊ غلام علي ڪيريو سنڌ ۽ سيد جو سچو سپاهي هو: ايڊووڪيٽ غلام علي ڪيريو

حالتون چاهي ڪهڙيون به هجن پر هو هميشه سنڌ لاءِ سوچيندو ۽ لوچيندو هو: عبدالفتاح چنا

سڪرنڊ (س ر) جيئي سنڌ قومي محاذ (آريسر) پاران جسقم جي ضلعي صدر مرحوم ڪامريڊ غلام علي ڪيريو جي چاليهي جي موقعي تي تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو جنهن ۾ جسقم آريسر ڪانسواءِ مختلف تنظيمن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي جڏهن ته ڊاڪٽر سيد ضياءِ شاهه خصوصي طور شرڪت ڪئي جن کان اسٽيج سيڪريٽري محمد خان چانڊيو ترتيبوار اسٽيج تي گهرائي ويچار ورتا جن ايڊووڪيٽ غلام علي ڪيريو کي لفظن جي پيتا پيش ڪئي جن ۾ جسقم آريسر جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري عبدالفتاح چنا، ادي الهه بچائي ملاح، سرمد ميراڻي ۽ محمد جمن لاکو الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته ڪامريڊ غلام علي ڪيريو سنڌ ۽ سيد جو سچو سپاهي هو ڪيس هميشه سنڌ جي اڳيان ڏيڻ جو الڪو هوندو هو حالتون چاهي ڪهڙيون به هجن پر هو هميشه سنڌ لاءِ سوچيندو ۽ لوچيندو هو پاڻ وڪالت جي پليٽ فارم تان پڻ قومي ڪارڪنن جي مدد ڪندو هو آزاد ڏسڻ سنڌ سندس خواب هو پر افسوس جو زندگي سندس ساٿ نه ڏنو هنن وڌيڪ چيو ته فڪر سائين جي ايم سيد ڪانسواءِ ٻيو ڪو به ڪس ناهي جو جنهن سان سنڌ ۽ سنڌي قوم کي آزاد ڏسي سگهجي ان ڪري اسان کي سجاڳ ٿيڻو پوندو ۽ سنڌ خاطر منظم ٿيڻو پوندو هنن اهو پڻ چيو ته ايڊووڪيٽ غلام علي ڪيريو تڙي جو بيمار هو پاڻ ڊائلاسس تي هوندو هو پر ڪيس پنهنجي بيماريءَ جي ڪابه پرواهه نه هوندي هئي ڌارين جي آبادڪاري هجي، يا ڪينالن جو پليٽ منصوبو وسيلن تي قبضو هجي يا ڪنهن به قسم جي نا انصافي پاڻ هر محاذ تي اڳين صفن ۾ نظر ايندو هو هنن چيو ته هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسين پنهنجي اولاد کي تعليم ۽ قومي شعور ڏانهن ڌيان ڇڪايون ڇاڪاڻ جو رياست هن وقت سنڌ کي تباهه ڪرڻ لاءِ منشيات جو وڪرو ۽ واهپو عام ڪري ڇڏيو آهي غير قانوني هٿيارن جو وڪرو به جاري آهي جڏهن ته سنڌ جي زراعت کي پڻ ختم ڪيو پيو وڃي اسپتالن ۾ دوائون ناهن اسڪولن ۾ استاد ۽ فرنيچر ناهي اڙ ڪري سيني مسئلن جو حل فڪر سائين جي ايم سيد ۾ آهي ان موقعي تي جسقم جي غلام مصطفيٰ ڏڻونر عوامي ورڪرز پارٽي جي فيض ڪيريو، جسقم جي غلام مصطفيٰ عمراڻي، جسقم آريسر جي جمشيد ڪيريو ايس يو پي جي فقير غلام مصطفيٰ ڪيريو، عبدالحفيظ سنڌي پڻ تعزيتي ميڙاڪي کي خطاب ڪيو ان کان اڳ ڪامريڊ ظفر ڪيريو آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو تعزيتي ميڙاڪي ۾ خير محمد لاکو، سرمد گل جمالي، موڙو ميربحر، انور علي ملاح، ولي محمد پٽي، خالد حسين سولنگي، ايڊووڪيٽ سڄل مجيب ماڇي، زاهد ميراڻي پڻ ويچار ونڊيا تعزيتي ميڙاڪي ۾ مرحوم غلام علي ڪيريو جي والد غلام حيدر ڪيريو سمورن آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو جنهن بعد خيرات جو اهتمام ڪيو ويو ان کان اڳ مرحوم جي قبر تي گلن جي چادر چاڙهي قومي ترانو پيش ڪرڻ بعد دعا گهري وئي.

نيو پنڌ ۾ بجلي جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ پيئڻ جي پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ خلاف احتجاج

علائقي جي رهواسين سخت احتجاج ڪندي علامتي بک هڙتال ڪيمپ قائم ڪري ڇڏي، نعريبازي

نيو پنڌ ۾ صورتحال انتهائي خراب ٿي چڪي آهي، 24 ڪلاڪن ۾ لڳ ڀڳ 20 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي: رهواسي

گذريل 10 کان 12 ڏينهن کان پيئڻ جو پاڻي به دستياب ناهي، شهرين کي بنيادي سهولتن کان محروم رکيو پيو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي نيو پنڌ ۾ بجلي جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ پيئڻ جي پاڻي جي مصنوعي ڪوٽ خلاف علائقي جي رهواسين سخت احتجاج ڪندي علامتي بک هڙتال ڪيمپ قائم ڪري ڇڏي علامتي بک هڙتال ڪيمپ يونين ڪائونسل چيئرمين جي اڳواڻي ۾ لڳائي وئي، جتي مظاهرين بجلي ۽ پاڻي جي عدم فراهمي خلاف سخت نعريبازي ڪئي اِن موقعي تي عبدالصميع پيرزادو چيو ته نيو پنڌ ۾ صورتحال انتهائي خراب ٿي چڪي آهي، 24 ڪلاڪن ۾ لڳ ڀڳ 20 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي جڏهن ته گذريل 10 کان 12 ڏينهن کان پيئڻ جو پاڻي به دستياب ناهي هن چيو ته سخت گرمي ۾ بجلي جي بندش سبب زندگي عذاب بڻجي وئي آهي، مٿان وري پاڻي جي ڪوٽ عوام جي تڪليفن ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو آهي ايوب پيرزادو الزام لڳايو ته بجلي ۽ پاڻي جي فراهمي جي نالي تي شهرين کان مبينا طور تي ڳري رشوت ورتي پئي وڃي جڏهن ته نيو پنڌ ۾ پاڻي جي وِرڇ خانگي ملازمن ذريعي ڪئي پئي وڃي جيڪي پنهنجي مرضي سان پاڻي فراهم ڪن ٿا مظاهرين ۾ شامل ضمير گهنگهڙو چيو ته بجلي ۽ پاڻي بنيادي حق آهن پر شهرين کي انهن سهولتن کان محروم رکيو پيو وڃي احتجاجي اڳواڻن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري نوٽيس وٺي نيو پنڌ جي رهواسين کي بجلي ۽ پاڻي جهڙيون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن.

سيهڙ ٿاٽي جي حد ۾ سولنگي ۽ بروهي برادري ۾ ڇڪتاڻ

پرامن علائقو جنگ جو ميدان بڻيل، ٻه ڏينهن اڳ واٽهڙو مارجي ويو

ڌرين جا گهر هڪ ٻئي جي سامهون هجڻ ڪري وڌيڪ خونريزي جو خطرو

سيهڙ اسٽيشن (رپورٽ: وقار علي هيسباڻي) سيهڙ ٿاٽي جي حد ڳوٺ يارو لاکير پرسان سولنگي ۽ بروهي ڌرين جي هلندڙ خوني تڪرار ڀيهر ڀڙڪي پيو آهي، ٻه ڏينهن اڳ هڪ ٻئي تي فائرنگ ڪئي وئي جنهن سبب هوٽل تي ڪم ڪندڙ ڳوٺ يارو لاکير جو رهواسي پورهيت راڄيل جوکيجو زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳنڀير ٿيل حالت ۾ لاڙڪاڻي اسپتال نيو پئي ويو ته رستي ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو، فائرنگ مسلسل جاري آهي، جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ ڏهڪاءُ واري صورتحال آهي ياد رهي ته ٽي مهينا اڳ فضل فقير جي ميلي تي معمولي ڳالهه تان بروهي سولنگي برادري ۾ جهيڙو ٿي پيو هئو جنهن سبب هي چوٿون نوجوان قتل ٿي ويو آهي ڌرين جا گهر هڪ ٻئي جي سامهون هجڻ ڪري وڌيڪ خونريزي جو خطرو ۽ علائقي ۾ خوف واري صورتحال آهي.



وفاقي حڪومت جون پاليسيون سمجھ کان ٻاهر آهن: جاويد ميمڻ

واپاري برادري ملڪي معيشت جي ترقي ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي

ايف بي آر ٽيڪس، بجلي ۽ ميونسپل جا ڪاتا واپاري برادري کي پنهنجو غلام سمجهن ٿا

سکر (بيورو رپورٽ) مرڪزي تنظيم تاجران پاڪستان جي نائب صدر ۽ سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ تاجر سيڪريٽريٽ گولڊ سينٽر صراف بازار ۾ سکر اسمال ٽريڊرز جي سرپرست اعليٰ حاجي غلام شبير پٽني، جنرل سيڪريٽري محمد عامر فاروقي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته وفاقي حڪومت جون معيشت جي مضبوطي جي لاءِ پاليسيون سمجھ کان ٻاهر آهن جنهن ملڪ ۾ واپاري برادري کي سهولتون ميسر نه هونديون اتان جي معيشت ڪٿان مضبوط ٿي سگهي ٿي حڪومت واپاري برادري سان گڏ مشاورت کان پوءِ ايف بي آر ۽ ٻين ٽيڪسن جي حوالي سان پاليسيون مرتب ڪري واپاري برادري ملڪي معيشت جي ترقي ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي ۽ واپاري برادري هميشه حڪومت سان تعاون ڪيو آهي پر افسوس ايف بي آر ٽيڪس، بجلي ۽ ميونسپل جا ڪاتا واپاري برادري کي پنهنجو غلام سمجهن ٿا جڏهن چاهين انهن تي ناجائز ٽيڪس مڙهي ڇڏيندا آهن جنهن سان واپاري برادري جي عزت نفس مجروح ٿيندي آهي هنن جو چوڻ هو ته واپاري برادري پهريان ئي ڪيترن ئي قسم جا ٽيڪس ادا ڪري پئي ان جي باوجود حڪومت پاران ٽيڪس نيٽ کي وڌائڻ جي بجاءِ ٽيڪس ادا ڪندڙ کي ئي تنگ ۽ پريشان ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي ايف بي آر پاران ڊيجيٽل انوائسنگ سسٽم جو نفاذ ڪنهن به صورت ممڪن ناهي ايف بي آر جي آفيسن کي ڪمپيوٽر لنڪ جي ذريعي واپارين جي ڪاٽن ڊائين رسائي کي ڪنهن به صورت برداشت نه ڪنداسين، ان سان وڌيڪ ڪاغذي ڪارروائي جو بار وڌندو جنهن کي سنڀالڻ ننڍين واپارين جي وس جي ڳالهه ناهي، اهڙي طرح پوائنٽ آف سيلز بي ار ايس جيڪي دڪاندارن جي سيل کي ايف بي آر سان منسلڪ ڪرڻ معيشت دشمن قدم آهي جنهن سان ملڪي معيشت تي انتهائي منفي اثر مرتب ٿيندا هنن جو چوڻ هو ته روزانو پيٽرول، بجلي، گئس جي اگهن ۾ اضافي سان واپاري برادري کي وڏن مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي جتي واپاري برادري ان سان متاثر ٿيندي آهي اتي پاڪستاني عوام کي ان جو بار ڀوڳڻو پوندو آهي انهن شين جي وڌڻ سان ٽرانسپورٽ جي ڪرائين، کاڌي پيتي جي قيمتن ۾ اضافو ٿي ويندو آهي جنهن سان ملڪ ۾ هڪ افراتفري جو ماحول بڻجي ويندو آهي اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت واپاري برادري سان هڪ ٽيبل تي ويهي ۽ واپاري برادري ۽ عوام دوست پاليسيون جوڙي هي پاڪستان اسان جو آهي ۽ پاڪستان جي معيشت کي مضبوط ٿيڻ ۾ پاڪستاني جي لاءِ ضروري آهي جيڪڏهن غيرن جي پاليسين کي ڇڏي اسان پنهنجون پاليسون جوڙيون ته پاڪستان دنيا جو ترقي يافته ملڪ بڻجي سگهي ٿو حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ ٻين اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته سکر سميت اندرون سنڌ ۾ سيپڪو پاران بجلي جي ڏکڻي غير اعلانيل لوڊشيڊنگ ڪري صنعت ۽ تجارت ڪاروبار کي مفلوج ڪري ڇڏيو آهي مهانگي بجلي ۽ ان ۾ ڳرا ٽيڪس ادا ڪرڻ جي باوجود صارفين جي بلن ۾ ناجائز ڊيڊيڪشن واپارين ۽ شهرين جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي مرڪزي تنظيم تاجران پاڪستان جي پوري قيادت حڪومت سان ويهڻ جي لاءِ تيار آهي جيڪڏهن حڪومت تاجر دوست پاليسيون اپنائڻ چاهي ٿي نه ته ٻئي صورت ۾ اسين احتجاجي تحريڪ هلائينداسين. ان موقعي تي سکر اسمال ٽريڊرز جو حاجي عبدالقادر شيواڻي بابو فاروقي، محمد منير ميمڻ، طارق علي ميراڻي، عبدالباري انصاري، ڊاڪٽر سعيد اعوان ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

سنڌي ادبي سنگت شاخ سڪرنڊ جي دستوري گڏجاڻي

سڪرنڊ (س ر) سنڌي ادبي سنگت شاخ سڪرنڊ جي دستوري گڏجاڻي ڪهاڻيڪار ليکڪ مير محمد ڪيريو جي صدارت هيٺ نور آرٽ آشرم تي ٿي گذري گڏجاڻي جي ڪاروائي سيڪريٽري خيرمحمد لاکو هلائي هن چيو ته سنگت سڪرنڊ جي ميمبرن کي جس هجي جيڪي هن ڦهر جهڙي گرمي باوجود ادبي ڪلاس ۾ پنهنجون تخليقون کڻي پهتا آهن صدارتي خطاب ۾ مير محمد ڪيريو چيو ته سنڌي ادبي سنگت سڪرنڊ جون گڏجاڻيون سائين تاج جويو، ميرمحمد پيرزادي، نور ڪيريو کان وٺندي خير محمد لاکو تائين ڀرپور نموني ٿي رهيون آهن هنن گڏجاڻين ۾ شاعر اديب پنهنجون تخليقون تنقيد لاءِ پيش ڪن ٿا ۽ اصلاحي ڪلاسن ۾ سنڌن رهنمائي ڪئي وڃي ٿي جنهن سان لکڻين ۾ وڌيڪ نکار اچي ٿو هن وڌيڪ چيو ته هي دستوري گڏجاڻيون بهترين ادبي ڪلاس آهن جتان ٻولي جي واڌ ويجهه ۽ حفاظت ٿي رهي آهي. نور ڪيريو چيو ته منهنجو آرٽ آشرم ادبي سنگت لاءِ هر وقت کليل آهي مون کي خوشي ٿئي ٿي ته هتي ادبي ويهڪون ٿي رهيون آهن اڄوڪي گڏجاڻي ۾ دوستن شرڪت ڪئي ۽ پنهنجو تخليقون تنقيد لاءِ پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو تن ۾ مير محمد ڪيريو ڪهاڻي، خير محمد لاکو نظم، الهه رکيو خاصخيلي تاريخ تي مضمون، احسان علي بيت، عبداللطيف چانڊيو غزل، قلندر بخش ملاح غزل، وقار نور ڪيريو واٽي جهونگاري، جڏهن ته سجاد خاصخيلي سڪرنڊ جي تاريخ بابت چيو ته سڪرنڊ جي تاريخ جي ڳولهه رکي جاچ ٿيڻ گهرجي، آخر ۾ گڏجاڻي ۾ شريڪ دوستن جو شڪريو ادا ڪندي نئين چونڊجي آيل سيڪريٽري خير محمد لاکو چيو ته آئيندي گڏجاڻي ۾ ماحولياتي تبديلي جا انسان جي زندگين تي پوندڙ اثر ۽ انهن کان بچاءَ جي موضوع تي هڪ ليڪچر ڪرايو ويندو ۽ ماحول جي بچاءَ تي مشاعرو پڻ ڪرايو ويندو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلوال پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڳاڌي کاتو حيدرآباد مان جاري ٿئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اڱارو 12 مئي 2026ع

عوام جي صبر جا پئمانا لبريز ٿيڻ کان اڳ....

پيٽروليم شين جي اگهن ۾ بار بار واڌ پاڪستان جي عوام لاءِ هڪ نئين معاشي طوفان کان گهٽ ناهي. گذريل ڪجهه سالن کان ملڪ اڳ ئي مهانگائي، بيروزگاري ۽ معاشي بحرانن جي ور چڙهيل آهي پر حڪومت جي تازن فيصلن عوام جي مشڪلاتن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي. تازو هڪ ڀيرو ٻيهر پيٽرول جي قيمتن ۾ اضافي جو اعلان اهڙي وقت ڪيو ويو آهي، جڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ خام تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي. عام حالتن ۾ عالمي مارڪيٽ ۾ تيل سستو ٿيڻ سان عوام کي رليف ملڻ گهرجي ها پر پاڪستان ۾ ان جي ابتڙ صورتحال پيدا ڪئي وئي آهي، جيڪا حڪومتي پاليسين تي ڪيترائي سوال اٿاري ٿي. حڪومت طرفان چيو پيو وڃي ته هي اضافو پيٽروليم ليوي ٽيڪس جي مد ۾ ڪيو ويو آهي، جنهن جو عالمي مارڪيٽ سان سڌو سنئون تعلق ناهي. پر سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته جڏهن عوام اڳ ئي معاشي دٻاءَ هيٺ آهي ته پوءِ اضافي ٽيڪسن جو بار وري به عام ماڻهوءَ تي ڇو وڌو پيو وڃي؟ پيٽرول صرف ٻارڻ نه آهي، پر ملڪ جي سموري معاشي ڍانچي جو بنيادي جزو آهي. جڏهن پيٽرول مهانگو ٿئي ٿو ته ان جو اثر زندگيءَ جي سموري وهنوار تي پوي ٿو ۽ ضروري شين جا اگهه وڌي وڃن ٿا، جنهن جو سڀ کان وڌو بار غريب ۽ وچولي طبقي کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو.

تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان طرفان هن واڌ جي مذمت ڪندي ان کي عوام سان نانصافي قرار ڏيڻ دراصل عوامي احساسن جي ترجماني آهي. تنظيم جو چوڻ آهي ته ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڇڪتاڻ ۽ جنگ شروع ٿيڻ کانپوءِ پاڪستان ۾ پيٽرول جي قيمتن ۾ 61 سيڪڙو اضافو ڪيو ويو جڏهن ته ٻين ملڪن ۾ صورتحال ايتري خراب نه رهي. سريلنڪا ۾ صرف 38 سيڪڙو ۽ بنگلاديش ۾ 16 سيڪڙو اضافو ٿيو جڏهن ته ڀارت ۾ قيمتون برقرار رکيون ويون. اهي انگ اکر واضح ڪن ٿا ته پاڪستان ۾ پيٽرول جي اگهن ۾ غيرمعمولي اضافو صرف عالمي حالتن جو نتيجو نه پر اندروني معاشي بدانتظامي ۽ حڪومتي ناڪاميءَ جو به عڪس آهي. جنهن ڪري عام ماڻهن ۾ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. نجي محفلن ۾ حڪمرانن کي جنهن نموني پلون ۽ پاراتا ڏنا وڃن ٿا، جيڪڏهن اُهي حڪمران هڪ ڀيرو به پنهنجن ڪنن سان ٻڌن ته هوند انهن جي ننڊ حرام ٿي وڃي. صورتحال اِها آهي جو سوشل ميڊيا توڙي نجي ڪچهرين ۾ ڪامورن کي ملندڙ مراعتن، پگهارن توڙي پينشنز تي وڏا بحث ٿيڻ لڳا آهن. غريب جڏهن حڪمرانن جا نالا کڻن ٿا ته اُنهن جون مليون ڀيڪوڙجي وڃن ٿيون ۽ اُهي ڏند ڪرٽي اُنهن خلاف ڳالهائي رهيا آهن. اِهو به سچ آهي ته اُنهن ماڻهن جي ڪو رهنمائي ڪرڻ وارو ناهي، جيڪڏهن ڪو سندن اڳواڻي ڪري ته هوند اُهي ذميوارن جو ماس پٽي کائڻ لاءِ تيار ٿي وڃن. انهيءَ صورتحال کي ڪنهن به ريت اطمينان جوڳو ڪوٺي نه ٿو سگهجي. مختلف هنڌن تي ماڻهو احتجاج پڻ ڪن ٿا، پر اڃا تائين ڪا وڏي تحريڪ سامهون نه آئي آهي، جنهن ڪري حڪمران انهيءَ کي عوام جي خاموشيءَ سان تشبيهه ڏئي رهيا آهن. جڏهن ته حالتن جي نبض تي هٿ رکندڙ ماهرن جو خيال آهي ته هيءَ خاموشي طوفان کان پهريان گُهٽ ۽ ٻوسٽ واري خاموشي آهي، جنهن کي جيڪڏهن وقت سر نه سنڀاليو ويو ماڻهن جي اهنجن ۽ ايذائن جو احساس نه ڪيو ويو ته پوءِ عوام کان به توقع رکڻ نه گهرجي ته اُهي قاعدن ۽ قانونن جي پاسداري ڪندا. تنهن ڪري وقت جي ضرورت اِها آهي ته حڪومت معاشي سڌارن لاءِ ڊگهي مدي واري حڪمت عملي اختيار ڪري. صرف پيٽرول تي ٽيڪس وڌائي خزانو ڀرڻ مسئلي جو حل ناهي. صنعتن جي واڌ، برآمدات ۾ اضافو ٽيڪس نظام ۾ شفافيت ۽ فضول خرچين ۾ گهٽتائي ئي معيشت کي مستحڪم بڻائي سگهي ٿي. جيڪڏهن حڪومت عوام کي وڌيڪ مهانگائيءَ جي باهه ۾ اڇلائيندي رهي ته معاشي بحران سان گڏ سماجي بحران به وڌيڪ گهرو ٿي سگهي ٿو. عوام کي رليف ڏيڻ ۽ معاشي انصاف مهيا ڪرڻ ئي ڪنهن به ذميوار حڪومت جي اصل ڪاميابي هوندي آهي.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ٻُڌنـدِي ٻـوڙِنِ کي، ڪـي هـاتِڪَ هَٿَ وِجَهـنِ،
پَسـو لَڄَ لَطِـيفُ چَئـي، ڪَـيڏِي ڪـي ڪَـڳَنِ،
جيڪي ڪَنڌِيءَ ڪَنِ، نَـ تـ سَاڻُنِ وَڃَنِ سِيرَ ۾..

ٻڏندي = درياهه جي پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ مهل. / ٻوڙن = گاهه تنڊڙا سلا يا ٻوٽا. / هاتڪ = حوصلا مند داناءُ، ڏاهو هوشيار. / پسو = ڏسو ذهن ۾ ويهاريو. / ڪنڌيءَ = درياهه جي ڪناري يا ڪپ تائين. / ڪَنِ = پهچائين. / ساڻن = انهن (ٻڏندڙن) سان. / سير ۾ = درياهه جي وچ واري تيز وهڪري ۾. (سُرُ- سهڻي، مرتب ٻانهون خان شيخ)

لطيف سائين هتي اسان کي اهم، ڪارگر ۽ وصفن سان ڀرپور سماجي ڳڻن وارين ڳالهين ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو. ته ”مشڪل حالتن، وقتن، ڏکين گهڙين، مشڪلاتن ۾ وڪوڙجي وڃڻ، دشمنن جي گهيري يا ترغي ۾ اچڻ تي همت ۽ حوصلو نه ڇڏجي، اهڙين حالتن مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ پلي تنڊڙن مددگارن کان مدد وٺو. جيئن درياهه جي تيز وهڪري (مشڪل حالتن) ۾ ٻڏندڙ ماهر تارو ڪنڌيءَ يا ڪپ تي اسريل تنڊن تنڊن گاهه جي ٻوٽن ۾ هٿ وجهندو آهي ته ٻاهر نڪري اچان، تيئن انهن ڪمزور ۽ تنڊڙن مددگارن کي جن ڏانهن ڪو مشڪل گهڙيءَ ۾ هٿ وڌائي ٿو تن کي هدايت ڪري ٿو. انهن تنڊڙن گاهه جي ٻوٽن واري مريادا پاڻ ۾ پيدا ڪريو. حياءُ ڌاريو جو مشڪل ۾ ڦاٿل کي اڪيلو نٿا ڇڏن، ڪنهن کي ٻاهر نٿا ڪڍي سگهن ته ان سان گڏ ته آهن.“

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

سکر بئراج جو جاري ترقياتي ڪم ۽ حقيقت!


رحمت الله ٻرڙو


هڪ اهم ۽ انتهائي حساس رپورٽ پڙهڻ لاءِ ملي آهي ته سکر بئراج جا سمورا دروازا 2018ع کان خراب آهن. انهن جي مرمت لاءِ آيل فنڊ به لکن ۾ هڙپ ڪيا ويا آهن سکر بئراج جي ڪري پيل دروازن جي بابت جوڙيل ٽيڪنيڪل ڪاميٽيءَ جي رپورٽ موجب انهيءَ عمل ۾ چيف انجنيئر سميت سمورو ماتحت عملو ملوث قرار ڏنو ويو آهي بئراج جي مرمت لاءِ آيل بجيٽ کي ڪاغذي ڪارروائي ڪري هڙپ ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي مقرر ڪيل ٽيڪنيڪل ڪاميٽيءَ جي رپورٽن موجب 20 جون 2024ع تي گيٽ نمبر 44 ۽ 47 تي ٻوڏ جو ڪو به مسئلو ڪونه هو ٽيڪنيڪل ڪاميٽيءَ جي رپورٽ موجب ان وقت سکر بئراج وٽان هڪ لک ڪيوسڪ پاڻي هلي رهيو هو هنن خبرن کانپوءِ جڏهن سنڌ جي درياهي نظام ۽ ان تي دارومدار رکندڙ زراعت ۽ ٻين شعبن کي سامهون رکي فڪر ڪيون ٿا ته پريشانيءَ واري صورتحال سامهون اچي ٿي ڇو ته سنڌ جو زرعي جياپو، ملوثني جياپو، انساني جياپو مٺي پاڻيءَ جي حوالي سان سمورو دارومدار سنڌو درياهه جي وهڪري ۽ جياپي تي آهي ڇو ته سکر بئراج سنڌو درياهه جي زرعي نظام لاءِ هڪ حياتياتي رڳ برابر آهي جنهن جي ذريعي سنڌ جي لکين ايڪڙ زرعي زمين کي آبپاشيءَ جي سهولت ملي ٿي 2018ع ۾ حڪومت طرفان بئراج جي مرمت ۽ ان جي دروازن جي بحاليءَ لاءِ بجيٽ مختص ڪئي وئي هئي

2018ع کان پوءِ مختلف رپورٽن موجب، مرمت لاءِ مختص ڪيل ڪروڙين روپيا صرف ڪاغذن تي خرچ ڏيکاريا ويا آهن جڏهن ته عملي طور تي بئراج جي حالت ۾ ڪا به واضح بهتري نظر ناهي آئي سرڪاري ڪامورن ۽ ٺيڪيدارن جي ملي ڀڳت سبب پروجيڪٽس کي مڪمل ٿيڻ کان اڳ ئي بند ڪيو ويو، جڏهن ته ملي رپورٽون مڪمل خرج جو ڏيک ڏئي رهيون آهن دروازن جي مرمت لاءِ گهربل معيار جي بجاءِ گهٽ معيار جو سامان استعمال ڪيو ويو، جنهن سبب ڪجهه مرمتي ڪم جلد ئي ناڪارا ٿي ويو منصوبن جي مڪمل ٿيڻ جون تاريخون بار بار ملتوي ڪيون ويون، جنهن سان سنڌ جي زراعت متاثر ٿي رهي آهي

ڪامورا بنا ڪنهن ڊپ جي ڪرپشن ۾ ملوث آهن مقامي ماڻهن ۽ زراعت تي ان جا سنگين اثر پڻ سامهون آيا آهن جن لاءِ ڪو به دادرسيءَ جو نظام موجود ناهي شفافيت لاءِ ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال ضروري آهي ان ڪري بجيٽ جي خرچ لاءِ جديد ڊجيٽل پليٽ فارمز تي رپورٽنگ لازمي بڻائي وڃي هر قدم تي سرڪاري منصوبي جي نگراني لاءِ آزاد ۽ غير جانبدار ادارا مقرر ڪيا وڃن علائقائي صورتحال کي سمجهڻ لاءِ اتي جي عوامي شرڪت ضروري آهي ان لاءِ مقامي آبادگار، انجنيئرز ۽ سول سوسائٽيءَ کي منصوبن ۾ شامل ڪيو وڃي ته جيئن انهن جي ضرورتن کي سمجهي سگهجي

اعليٰ معيار جي سامان ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن مستقبل ۾ مسئلن کان بچي سگهجي ان لاءِ منصوبن جي وقتائتي تڪميل تي ضروري آهي منصوبن جي تڪميل نه ٿيڻ جي صورت ۾ مٿان ڪابه ڪميٽي مقرر ڪري ڪم جو درست استعمال ۽ وقت سر ٿيڻ ضروري آهي هر منصوبي لاءِ واضح وقت مقرر ڪيو وڃي ۽ دير ٿيڻ جي صورت ۾ ذميوارن تي ڏنڊ لاڳو ڪيو وڃي عملدرآمد لاءِ نگراني ۽ جاچ جو نظام مضبوط ڪيو وڃي سکر بئراج جي اهميت کي نظر ۾ رکندي مرمت جي بجيٽ جو صحيح استعمال نه رڳو حڪومت لاءِ وقار جو مسئلو آهي پر سنڌ جي زراعت ۽ معيشت لاءِ حياتيءَ جو سوال پڻ آهي جيڪڏهن ڪامورا ۽ ذميوار ادارا پنهنجيون ذميواريون نڀائين ته نه رڳو بئراج جي حالت بهتر ٿي سگهي ٿي پر سنڌ جي زراعت پڻ پنهنجي پراڻين اوج ڏانهن وڃي سگهي ٿي ان ڪري ضروري آهي ته ذميوارن ۽ پارليامينٽي ميمبرز ۽ خاص طور سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرز کي کپي ته سنڌ جي درياهي نظام جي بهتريءَ ۽ خاص طور تي آبپاشي نظام جي بهتريءَ لاءِ سنڌ جي بئراجز سکر، گڊو ۽ ڪوٽڙي بئراج تي ٿيندڙ سروي، مرمتي ڪم ۽ انهن جي مستقبل واري صورتحال کي سامهون رکندي اعليٰ سطح جو اجلاس سڏايو وڃي ته جيئن سنڌ جي معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ هن درياهي نظام جي خرابيءَ جو ڪو تدارڪ ڪري سگهجي ڇا ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ ميرپورخاص لاءِ مٺو پاڻي ٻاهران ايندو آهي؟ ته ان ڪري اهو پاڻي بچائجي ڪيئن؟ ان پاڻيءَ جي درست، ڪنٽرولڊ ورڇ ڪيئن ٿئي؟ تنهن لاءِ سنڌو درياهه جي ڪنڌيءَ تي ٻڌل بند توجهه جا گهرجائو آهن سنڌو درياهه تي سنڌ ۾ ٻڌل بئراجز جيڪي پنهنجو وقت تقريبن سمورين پورو ڪري چڪيون آهن انهيءَ لاءِ حڪمرانن تي فرض ٿو ٿئي ته هنن قومي ملڪيتن جي وقت سر سار لڌي وڃي ڇو ته هن وقت سکر بئراج انتهائي حساس صورتحال مان گذري رهي آهي

’بلڊوزر جي سياست‘


مير اعظم علي ٽالپر

دنيا جو ڪهڙو به ملڪ هجي، اُن ۾ جمهوريت جي پهرين ۽ آخري نشاني چونڊون هونديون آهن. البته اها ئي ڳالهه آهي ته چونڊون شفاف، آزادانه ۽ غيرجانبدار هجن. تازو هندستان جي پنجن صوبن ۾ چونڊون ٿي گذريون آهن. جن مان اولهه بنگال جون چونڊون خاص اهميت واريون هيون، جو ته اُنهن چونڊن ۾ ’بي جي پي‘ جي هر ممڪن ڪوشش هئي ته هوءَ ڪٿي ۽ بنگال صوبي تي حڪومت قائم ڪري. هن کان اڳ بنگال ۾ 35 سالن تائين کابي ڌُر جي ڪميونسٽ حڪومت قائم رهي هئي، جنهن دوران جوتي باشو لاڳيتو 34 سال بنگال جو وڏو وزير رهيو ۽ نيٺ رٽائر ٿيو. اُن بعد باقي هڪ سال لاءِ ڪميونسٽ پارٽي سندس جاءِ تي ٻيو ليڊر وزيراعليٰ مقرر ڪيو. اُن دوران ڪميونسٽ حڪومت هندستان جي ڪار ٺاهيندڙ ڪمپني ’نينو ڪار‘ کي بنگال جي لاتور علائقي ۾ ڪارخانو قائم ڪرڻ لاءِ وڏي زمين ڏني، جنهن تي علائقي واسين هارين ۽ آبادگارن سخت احتجاج ڪيو. سندن چوڻ هو ته اِها زمين سندن پيٽ گذر جو ذريعو آهي، تنهنڪري اها نه ڏينداسين. اُن احتجاج ۾ ممتا بينرجي به پهتي ۽ احتجاج ڪندڙن جي حمايت ڪئي. آخرڪار بنگال حڪومت مجبور ٿي اها زمين واپس ورتي ۽ نينو ڪار ڪمپني کي نه ڏني. اُن ئي دوران بنگال ۾ چونڊون ٿيڻ واريون هيون. جڏهن چونڊون ٿيون ته 35 سالن کان قائم ڪميونسٽ حڪومت جو سُرخ جهنڊو ڪلڪتي جي سرڪاري عمارت تان هيٺ لهي ويو. جيئن هر عروج کي زوال اچڻو هوندو آهي. تيئن ڪميونسٽ اقتدار جو سج به لهي ويو ۽ اقتدار جي مالڪيائي ترنمول ڪانگريس جي سربراهه ممتا بينرجي بڻجي وئي. ممتا بينرجي اصل ۾ هندستان جي پراڻي جماعت ڪانگريس سان لاڳاپيل هئي، پر پوءِ ڌار ٿي پنهنجي پارٽي ”ترنمول ڪانگريس“ قائم ڪيائين ۽ وزيراعليٰ بڻجي وئي. تازين چونڊن هندستاني سياست ۾ وڏي اٿل پٿل پيدا ڪئي آهي. جيڪا گذريل پنجاهه سالن جي وڏي ڊرامائي تبديلي قرار ڏني پئي وڃي. هندستان جي 29 صوبن مان هاڻ ڪنهن به صوبي ۾ کابي ڌُر جي حڪومت باقي نه رهي آهي. آخري مضبوط ڳڙهه ڪيرالا هو سو به هٿن مان نڪري ويو. هاڻ کابي ڌر جو اثر تقريبن ختم ٿي ويو آهي. ڪانگريس اتحاد 140 مان 98 سيٽون کٽي ڪاميابي ماڻي، جڏهن ته اهو علائقو ڪميونسٽن جو پراڻو ڳڙهه رهيو هو. جيڪو 1959ع کان هلندڙ هو پر اُهو سوويت ۽ چين کان مختلف هو ۽ 1977ع کانپوءِ به اُهي اقتدار ۾ رهيا پر هاڻ اهو سلسلو ختم ٿي ويو.

مولانا آزاد نيشنل اردو يونيورسٽي جي پروفيسر افروز عالم موجب، کابي ڌُر وارا آخرڪار عوامي مسئلا حل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا. جيتوڻيڪ ماضيءَ ۾ هنن ڪروڙين غريبن کي روزگار ۽ تعليم فراهم ڪئي ۽ ڪيرالا تعليم جي حوالي سان تقريبن سؤ سيڪڙو پڙهيل لکيل ماڻهن وارو صوبو بڻيو. پر پوءِ به اهو سياسي زوال کان بچي نه سگهيو. بنگال ۾ 1977ع کان 2011ع تائين کابي ڌُر جي حڪومت رهي، پر اُن کانپوءِ هو ٻيهر اقتدار ۾ نه اچي سگهي. نيٺ تريپورا ۽ ڪيرالا به سندن هٿن مان نڪري ويا. ممتا بينرجي 1997ع ۾ ڪانگريس پارٽي ڇڏي هئي ۽ هن ئي بنگال مان ڪانگريس کي ڪمزور ڪيو. هوءَ ريلوي واري وفاقي وزارت تي به رهي. ممتا بينرجي سياست کي دولت ڪمائڻ جو ذريعو نه بڻايو. هن پنهنجي تقريرن دوران ڪيترن سياسي اڳواڻن کي ناراض به ڪيو. جن ۾ بهار جو وزيراعليٰ نتيش ڪمار به شامل هو. بنگال اسيمبلي جون 293 سيٽون آهن. جن مان هاڻوڪين چونڊن ۾ ترنمول ڪانگريس وڏي اڪثريت حاصل ڪئي، جڏهن ته بي جي پي به وڏي انگ ۾ سيٽون کٽيون. مودي ۽ سندس ساٿي اميت شاهه وڏي منصوبابندي سان ممتا بينرجي کي شڪست ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. الزام لڳايو ويو ته مسلم اڪثريتي علائقن ۾ ووٽرن جا نالا خارج ڪيا ويا ۽ کين ”روهينگيا“ يا ”بنگلاديشي پناهگير“ قرار ڏنو ويو. دلت ۽ گهٽ ذاتين سان واسطو رکندڙ ماڻهن جا نالا به ووٽر لسٽن مان ڪڍيا ويا. جنهن سبب لکين ماڻهو ووٽ جي حق کان محروم ٿيا. ممتا بينرجي جي شڪست ۾ ڪانگريس جو به ڪجهه اثر رهيو. ڇو ته ڪانگريس کٽڻ جي اميد گهٽ هجڻ باوجود سڀني 293 سيٽن تي پنهنجا اميدوار بيهاريا. پر رڳو ٻه اميدوار کٽي سگهيا. جيڪي ٻئي مسلمان عورتون هيون. هنن چونڊن ۾ کٽڻ تي آمريڪا جي صدر ٽرمپ به مودي کي مبارڪون ڏنيون آهن. عجيب ڳالهه آهي، صوبائي اليڪشن ۾ ڪاميابي تي هڪ صدر ڀاران مبارڪون ڏيڻ ٿي، شايد اها وڏي فتح سمجهي پئي وڃي. هاڻ هتي پاسي روڊن تي ممتاز بينرجي جا حامي ’جيئي بنگال‘ جا نعرا هڻي رهيا آهن. جيڪي اڳ مڪتي باهمي وارا هڻندا هئا.

بهرحال هنن چونڊن هندستاني جمهوريت جي بنيادن کي لوڏي ڇڏيو آهي. اڳ ڪڏهن به هند جي چونڊن ۾ ڌانڌلي جو الزام نه لڳو. هاڻ لڳي رهيو آهي. موجوده چيف اليڪشن ڪمشنر گيان نتيش ڪمار جيڪو 19 فيبروري 2025ع کان مقرر آهي. اهو آگري جو ڪٽر هندو آهي، هي بابري مسجد شهيد ڪان وٺي رام مندر ٺهڻ تائين هندو ذهنيت وارو پرچار ڪندڙ آهي. هن جي پاليسي سبب مسلم ووٽرن جا نالا ڪڍيا ويا ۽ اُن لاءِ اِهو پلان هو ته ايس آر تحت نالا درج ڪجن ته هي ووٽر غير ملڪي آهن. اُن ۾ 28 لک بنگلاديشي چيا ويا. اڳ ۾ جتان ترنمول ۽ ممتا کٽيو. مثال طور 20 ووٽن تان ۽ بي جي پي هارايو ته اُهي 20 هزار ووٽ خارج ڪيا ويا ۽ وري جتي 10 هزارن تان بي جي پي شڪست کاڌي اُهي 10 هزار ووٽ ڪٽيا ويا. مسلمانن وارا ووٽرن جا علائقا مرشد آباد، مالده، امريا، ديناج پور اتر 24 پرڳڻا خاص آهن. ڪجهه مهينا اڳ مرشد آباد ۾ بابري مسجد ٺاهڻ جو اعلان ڪيو ويو هو. اُن به چونڊن ۾ ممتا کي ڌڪ رسايو. هنن پنجن صوبن جي اليڪشن ۾ ڪُل 824 سيٽون هيون. جن مان ڪُل 107 مسلمان اميدوار ڪامياب ٿيا. جن ۾ ڪانگريس جا 29، بنگال ۾ گڏيل نموني 40، سڀ کان وڌيڪ ڪيرالا ۾ 38 جيٽن کٽيون جن ۾ 22 ڪانگريس جا آهن. حالانڪ بنگال ۾ 44 ميمبر مسلمان هئا. هن دفعي 40 کٽي آيا آهن. بنگال ۾ هڪ به مسلمان اميدوار بي جي پي نه بيهاريو. هوڏانهن ڪيرالا ۾ اڳ کان 3 وڌيڪ مسلم اميدوارن کٽيو. بي جي پي طرفان هڪ مسلمان کي ٽڪيٽ نه ڏيڻ جو مطلب صاف ظاهر آهي ته هندستاني سياست مذهبي جي ور چڙهي وئي آهي ۽ مودي سياست کي هاءِ جيڪ ڪري ڇڏيو آهي. جو ته بنگال کي قلعو سمجهي مودي فتح ڪيو آهي. اهو ائين آهي جيئن ڪجهه مهينا اڳ قلم ڪيرالا جي اسٽوري هئي. هاڻ هندستان جي 29 صوبن مان 22 صوبن کي زعفراني ۾ رنگيو ويو ۽ بنگال ۾ به ڪنول جو گل ٽڙي ويو آهي. مودي جو مقصد اقتدار کي ڊيگهه ڏيڻ سان گڏ هندو ازم وڌائڻ به آهي. جنهن سان هندستان ۾ آباد مسلمانن کي ٻي ڌُر جي حصو بڻائي سگهجي. اُن ڪري اولهه بنگال ۾ جتي اڳ ۾ ممتا بينرجي مسلمانن جو وڏو خيال ڪندي هئي هر عيد ڏهاڙي عيدگاهه تائين وڃڻ، پيش امام سان ملڻ ۽ مصلحن تي ويهڻ سندس خاص ڳالهه هئي پر اُن ساڳئي بنگال ۾ مسلمانن جو ڇا ٿيندو؟ ڇو ته بنگال ۾ رڳو سياسي تبديلي نه پر ٻيو گهڻو ڪجهه به مستقبل ۾ تبديل ٿيڻ جا امڪان آهن. نئين وزيراعليٰ واضح ڪيو آهي ته ’مسلمانن اسان کي ووٽ ئي نه ڏنا آهن ته پوءِ اُنهن جو ڪم اسان ڇو ڪريون.‘ جڏهن ته مودي چوندو آهي ’سڀ ڪا ساٿ، سڀ ڪا وڪاس‘ جيتوڻيڪ موجوده وزيراعليٰ خود اڳوڻي وزيراعليٰ ممتا بينرجي جو اڳ ۾ خاص ماڻهو هو ۽ خود به ممتا بينرجي بي جي پي سرڪار ۾ ريلوي جي وزير به هئي پر هاڻ هوءَ پڪ آهي ته مخالف ڌر جي انڊيا اتحاد کي وڌيڪ مضبوط ڪندي، جيئن بي جي پي کي شڪست ڏئي سگهجي. ممتا بينرجي هاڻ هڪ ’زخمي شينهڻ‘ آهي، سو اُن ڪري ڌڪ لڳل شينهڻ وڌيڪ خطرناڪ ٿي سگهي ٿي. هاڻ سندس خيال آهي ته اپوزيشن مضبوط ٿئي.

بنگال کانسواءِ ٻئي صوبي تامل ناڊو جي 234 سيٽن جي اليڪشن دلچسپ آهي، جنهن ۾ اداڪاري مان سياستدان بڻيل وجي جوزف جي پارٽي 107 سيٽون کٽيون پر مسلم ليگ ۽ ٻين پارٽين جي مدد سان 120 ميمبرن سبب هو وزيراعليٰ بڻجي ويو. وجي تامل ناڊو جو مشهور فلمي هيرو آهي، جنهن جي جاندار ڊائيلاگن جي ادائگي تي فلمبين تاڙيون وڄائيندا هئا ۽ اُهي سئنيما گهرن جا لکين شوقين هاڻ وجي لاءِ سياسي نعرا هڻي رهيا آهن. هي 2024ع کان سياست ۾ آيو. جڏهن کان هندستان ۾ بي جي پي جي حڪومت وجود ۾ آئي آهي، اُن مسلمانن کي برداشت نه ڪيو آهي، اُن جو وڏو ثبوت اتر پرديش جو وزيراعليٰ يوگي آهي، جنهن جو غير اعلانيا فيصلو اِهو ڪيل آهي ته اتر پرديش ۾ ڪٿي به ڪو مسلمان اسلامي ڳالهه ڪري ته اُن خلاف ٻيو ڪو به قدم نه کنيو ويندو بس اُن جي گهر دڪانن ۽ جائيداد کي ضلعي انتظاميا (بلديا) بلڊوزر موڪلي ڊاهي پٽ ڪندي ۽ اُن تي جيڪو به گهوڙا گهوڙا ۽ رڙيون ڪندو ته واضح چيو ويندو ته اها اڏاوت غير قانوني ۽ قبضو ڪيل هئي، اُن ڪري ضلعي انتظاميا اهو قدم کنيو آهي، اُن ۾ ڪنهن به صوبائي وزير يا ميمبر جو ڪو به هٿ ڪونهي، اهو خالص انتظامي معاملو هو. اتر پرديش کانپوءِ اهو سلسلو هندستان جي ٻين صوبن ۾ پهچي ويو آهي ۽ آئي مسلمانن خلاف بلڊوزر ۽ ڪرين ذريعي سندن ملڪيت کي تباهه ڪيو پيو وڃي، اِها ’بلڊوزر واري سياست‘ هندستان ۾ تمام گهڻو مشهور ٿي وئي آهي ۽ اُن جا وقتن به وقتن فوٽو ڊاهڻ وارا اخبارن ۾ ايندا رهن ٿا. اتر پرديش جي صوبائي حڪومت جو مسلمانن کي هيسائڻ ۽ سزا ڏيڻ جو اِهو فارمولو وڏو ڪامياب ويو آهي. اُن ڪري جتي ڳالهه نه وڻي فورن ضلعي انتظاميا ڪرين ۽ بلڊوزر ڪاهي پهچيو وڃي ۽ ڪلاڪن ۾ ملڪ صفا ٿيو وڃي. سنڌي جو مشهور پهاڪو آهي ته گڏري کي گڏرو ڏسي رنگ مٽائيندو آهي يا اِها به چوڻي آهي ته ڪاري کي ڪمرو ڏسي رنگ نه سهي ته به اُن جهڙا لڇڻ بدلائيندو آهي. سو اُها بلڊوزر واري سياست هندستان کان سرحد پٽي پاڪستان ۾ پهچي وئي آهي. خاص ڪري سنڌ ۾ مخالفن کي سياسي سزا ڏيڻ لاءِ غير قانوني اڏاوت چئي نوشهروفيروز ۾ ڪرين ۽ بلڊوزر گهمائي جايون ڊاهي پٽ ڪيون ويون. اُن بعد وري بلڊوزر جيڪب آباد پهچي ويو، جتي پڻ قبضي واري زمين چئي نهل بلڊنگ کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو ته هوڏانهن وري ٽنڊو محمد خان ۾ مال پڙي تي به صفايو ڪرائي ڇڏيو، خبر نه آهي اتر پرديش (يو پي) کان اڳ ڪيترائي لڏپلاڻ ڪري سنڌ ۾ آيا هئا ۽ هاڻ وري بلڊوزر واري سياست آئي آهي، خبر نه آهي ڪٿي وڃي دنگ ڪندي؟ بهرحال ڪجهه به هجي ’بلڊوزر واري سياست‘ آهي اينٽي بايوٽڪ، جلدي فائدي واري، هن جي ڦونهاري سان مخالفن جو صفايو ٿئي يا نه ٿئي پر حڪمران دل کي خوش ڪرڻ خاطر دل پشوري ڪري، رونق لڳائين ٿا. اڳ مشهور هو ته فلمون نقل ٿيون ٿيون پر سياست به نقل ٿئي ٿي.

سنڌوءَ جي ڪناري


رسول بخش رئيس

هر درياهه جي پنهنجي هڪ تاريخ هوندي آهي هزارين سالن کان اسان جا درياهه تهذيبن، شهرن، آبادين، صنعتن ۽ زراعت کي پاڻي فراهم ڪندا رهيا آهن پر وقت جي طاقتور ماڻهن جي نام نهاد دانائيءَ سبب جيڪي درياهه اسان کان ڪسجي ويا، انهن جي وڇوڙي جو احساس دل تي گهرو ور ڪري ٿو. خاص ڪري جڏهن قلم جي نوڪ تي سنڌ جو ٿلو اچي ٿو بياس، ستلج ۽ راوي به واديءَ سنڌ جي تهذيب جو حصو هئا. انهن جو ذڪر منهنجي لاءِ ان ڪري اهم آهي، جو جتي اسان سنڌوءَ جي ڪنارن تي اک کولي اتي ڪنهن ٻئي درياهه جو وجود نه اڳ ڪڏهن ڏٺو هو نه هاڻي آهي جاگرافيءَ جا ڪتاب پڙهڻ ۽ تعليم خاطر پنهنجي علائقي کان ٻاهر وڃڻ بعد خبر پئي ته اهي سڀ درياهه هڪ ڪري اسان جي ائين ٻيلن کان لڳ ڀڳ جليهه. پنجاهه ميل اتر پنهنجا پاڻي ڪٺي اچي سنڌوءَ ۾ ضم ٿيندا هئا.

اسان جڏهن هاءِ اسڪول تائين تعليم حاصل ڪئي، تڏهن هر سال ڪيترائي پيرا سنڌو پار ڪري اسڪول وڃڻو پوندو هو. هن موسم ۾ درياهه سمنڊ وانگر پکڙجي ويندو هو برساتن کان پوءِ ته ٻيڙيءَ ۾ سڄو ڏينهن سخت اُس ۾ گذارڻو پوندو هو. چاڪاڻ ته ٻيڙياتا ڏاڪٽي هوائن جا محتاج هوندا هئا. ان وقت ته درياهن جي وهاست جي هئي نه ئي وڏا پاڻيءَ جا ذخيرا وجود ۾ آيا هئا. صدين کان موسم جي تبديليءَ سان پاڻيءَ ۾ لاها چاڙها ۽ ٻوڏون اينديون رهنديون، پر پوءِ اوچتو سڀ ڪجهه بدلجي ويو.

انگريزن جي دور ۾ ڦهليل نهري نظام گهٽيون تبديليون آنديون. پر درياهن جي وهڪري ۾ ڪا وڏي رڪاوٽ نه هئي. بئراج ٺاهي واهه ڪڍيا ويا، پر اسان جي علائقي ڏانهن پاڻيءَ جو اهو تاريخي وهڪرو وري ڪڏهن به بحال نه ٿي سگهيو نهري نظام ۽ پوءِ ٻيمن اسان جي تاريخ ۽ تهذيب جو رخ ئي بدلائي ڇڏيو جيڪڏهن اسان جهڙن جهنگلي ماڻهن جي روايتن ۾ ٻيلن ۾ رهندڙ ثقافت جو ڪو قدر ڪيو وڃي ها ته شايد اڄ جي ماحولياتي تبديليءَ کان بچي سگهجي ها. انگريزن ۽ سندن آندل آبادڪارن اسان کي ”جهنگلي“ چئي زمين جي ملڪيءَ کان به محروم ڪري ڇڏيو اهو چئي ته اسان زراعت ڪرڻ جي لائق ناهيون. بهرحال پراڻين ڳالهين کي ڇڏي ڏجي ٿو ته انهن کي ياد ڪري دل ٿي ڏکي ٿئي ٿي هزارين سالن کان وهندڙ درياهن پنجاب ۽ سنڌ ۾ تهه به تهه زرخيز مٽي گڏ ڪئي. جيڪا اڄ اسان جي معيشت جو بنيادي سهارو آهي. هتي ڳالهه پنهنجي حصي واري سنڌوءَ جي ڪرڻي آهي جنهن جو قدرتي وهڪرو ٻين علائقن کان گهڻو وڌيڪ ويڪرو آهي. گهٽ ۾ گهٽ ويهه کان پنجويهه ڪلوميٽر ڪٿي ان کان به وڌيڪ. اسان هن علائقي کي ”ڪچو“ چوندا آهيون جيڪو ليه کان وٺي سکر تائين پکڙيل آهي اوڀر ۾ رحيم يار خان ۽ اولهه ۾ راڄن پور جا ضلعا آهن ڪچو لڳ ڀڳ 150 ڪلوميٽر ڊگهو علائقو آهي.

برساتن ۾ جڏهن درياهه ٻنهي پاسي پکڙجي پوءِ واپس ٿيندو آهي ته مقامي ماڻهو اتي ڪڻڪ، سرنهن، مٽر ۽ ڀاڄيون پوکيندا آهن هاڻي ٻوڏن جي اها شدت نه رهي آهي. جيڪا اڳ هوندي هئي ان ڪري درياهه جي پکڙجڻ ۾ گهٽتائي اچڻ سبب لکين ايڪڙ زمين هاڻي پڪي علائقن وانگر آباد ٿي وئي آهي سولر ٽيوب ويل، ٽريڪٽر ۽ جديد زرعي اوزارن زراعت کي آسان بڻائي ڇڏيو آهي گذريل ڪجهه سالن ۾ ڪچي ۾ هڪ نئون نوآبادياتي نظام جنم ورتو آهي جنهن جو بنيادي سبب زمين جي زرخيزي، درياهي پاڻيءَ جي موجودگي ۽ ڪمند جي پوک آهي تاريخي طور هيءَ علائقو ڪڻڪ جي پوک لاءِ مشهور هو پر جڏهن هتان جي وڏيرن ۽ سياستدانن شگر ملون لڳايون ۽ هڪ ٻئي کي لارين ڪمائيندي ڏٺو ته ٻين کي به همٿ ملي اهو سلسلو هتان کان شروع ٿي سنڌ جي ڪيترن ئي ضلعن تائين پکڙجي ويو ڪچو آباد ٿيو زميندار خوشحال ٿيا ته سرڪاري زمينن تي قبضا ڪرڻ خريد ڪرڻ يا ڪمزور ماڻهن کي زبردستي بي دخل ڪري ملڪيت حاصل ڪرڻ جو نئون سلسلو به شروع ٿي ويو ڪچي جا ڪجهه ٺوهاري به آهي هئا. جن اهڙين زمينن تي قبضو برقرار رکڻ لاءِ هٿيار کنيا. هيءَ علائقو تاريخي طور پُرامن رهيو آهي ۽ هي درويش ان جو شاهد آهي. مون اڪيلو لڳاتار ٻه سال ٽيهه جليهه ڪلوميٽر پنڌ سفر ڪيو پر ڪڏهن به ڪو ڏکوئيندڙ واقعو پيش نه آيو ڪچي جي بگاڙ جا ڪيترائي سبب آهن جن سڀني جو بيان ڪرڻ ممڪن ناهي بنيادي مسئلو اهو آهي ته تعليم، صحت، روزي ۽ ٻين سهولتن جهڙي سماجي ترقيءَ ۾ اسان جي حڪمران ڪڏهن به هن وسيع ۽ زرخيز علائقي کي ڪنهن منظم رٿابنديءَ جو حصو نه بڻايو ماڻهو اغوا ٿيندا رهيا، لٽجندا رهيا، مارجا ويندا رهيا ۽ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجون ملڪيتون به تباهه ڪندا رهيا، پر اڄ تائين نه سنڌ حڪومت ۽ نه پنجاب حڪومت ڪو مستقل حل ڪڍي سگهي آهي.

افسوس جي ڳالهه اها آهي ته سنڌوءَ جو ڪچو جتان سوين اربين روپين جي زرعي پيداوار ٿئي ٿي، اڄ جديد زراعت بدران ڏوهارين جي سڃاڻپ بڻيل آهي جيڪڏهن ڪو اتر پنجاب کان ڏکڻ پنجاب وڃي ٿو ته دوست ۽ مٽ خبردار ڪندا آهن ته ”اتي ڏاڙيل آهن. خيال رکجان“ اسان ڪيترائي پيرا پوليس آپريشن جون خبرون ٻڌيون ۽ ڪاميابيءَ جون دعوائون به پر سياسي موسم بدلجڻ سان ڏاڙيلن جو نئون نسل جنم وٺندو رهيو.

هن ڀيري ڪجهه مختلف ٿي رهيو آهي آخرڪار سنڌ ۽ پنجاب حڪومتن ۽ سندن انتظامي مشينري گڏجي ڏاڙيلن خلاف ڪارروائي ڪئي آهي ٻنهي صوبن جي هم آهنگيءَ کان سواءِ هي مسئلو ڪڏهن به حل نه ٿي سگهندو هاڻي ڊرونز جي دنيا ۾ وڏي شهرت آهي پر ڪچي ۾ انهن جيڪو ڪم ڪيو آهي ان جو ماضيءَ ۾ ڪو مثال نٿو ملي ڪيترائي انجام تائين پهتا، جڏهن ته ٻين مٿان آسمان مان باهه جا گولا وسندا ڏسي هٿيار ڦٽا ڪرڻ شروع ڪيا سوين گرفتار ٿيا ۽ سوين معافي يا ضمانت بعد پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي ويا. پهريون ڀيرو پنجاب حڪومت ڪچي لاءِ هڪ منظم ۽ قابل عمل پروگرام تيار ڪيو آهي جنهن ۾ نوان تعليمي ادارا اڳ موجود ادارن کي فعال بڻائڻ صحت جو نظام، رابطا روڊ ۽ سڀ کان اهم پوليس جي مستقل موجودگي شامل آهي جديد ٽيڪنالاجيءَ ذريعي هاڻي ٻري ويهي نگراني ممڪن آهي پر جيستائين سرڪاري زمينن جي ملڪيءَ جو مسئلو حل نه ٿيندو تيستائين سماجي ترقيءَ جا منصوبا اڳتي نه وڌندا هن علائقي جون محروميون ۽ وڌندڙ آبادي ڏاڙيلن جي پيشوائيت کي هٿي ڏينديون رهنديون.

هن ڀيري فرق اهو به آهي ته ڪچي جي ترقيءَ لاءِ 23 ارب روپين جي رٿابندي رحيم يار خان ۽ راڄن پور جي پوليس ۽ انتظاميا جي مشوري سان تيار ڪئي وئي آهي ميدان ۾ ڪم ڪندڙ آفيسرن جي ڳالهه ٻڌي وئي آهي جيڪي سماجي ترقيءَ جي اهميت کان واقف آهن راڄن پور جي ڊپٽي ڪمشنر سان ان حوالي سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي ته هو پُراميد ۽ پُرجوش نظر آيو سندس چوڻ هو ته ايندڙ سالن ۾ ٽن بنيادي شعبن ـ امن امان، تعليم ۽ صحت ۽ آمدرفت جي ذريعن. کي هڪ مضبوط پروگرام سان ڳنڍي استحڪام پيدا ڪيو ويندو موجوده پنجاب حڪومت اڳين حڪومتن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سرگرم، ترقي پسند ۽ جوشيلي نظر اچي ٿي هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته ڪچو اڳتي هلي ڪهڙي ترقي ڪري ٿو دنيا اميد تي قائم آهي

اڄوڪو ڏينهن ..... 12 مئي

مرزا دوست محمد بيگ دوست




مرزا دوست محمد سنڌ جي مشهور مرثيه گو شاعرن مان هڪ هو. پاڻ مير عبدالحسين سانگيءَ جو همعصر ۽ سندس ويجهن ساٿين مان هڪ هو. هن جو جنم 12 مئي 1862ع تي حيدرآباد جي ٽنڊي آغا ۾ ٿيو سندس وڏا اصل ۾ خيرپورميرس جا رهواسي هئا. هن ابتدائي تعليم آخوند شفيع محمد جي مدرسي مان حاصل ڪئي 1881ع ۾ روينيو کاتي ۾ ٽپيدار مقرر ٿيو ۽ عمر جي پڇاڙڪن سالن ۾ ترقي ڪري مختيارڪار مقرر ٿيو 1912ع ڌاري رٽائر ٿيو نوڪريءَ دوران هن ڪيترن ئي انگريز عملدارن کي فارسي ۽ سنڌي پڙهائي رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هن عمر جو باقي حصو مير نور محمد ٽالپر جي مصاحب طور گذاريو هو پنهنجي دور جو هڪ سٺو شاعر هو شاعريءَ ۾ ”دوست“ تخلص استعمال ڪندو هو سنڌيءَ سان گڏ اردو ۽ فارسيءَ ۾ به شاعري ڪيائين سندس شاعريءَ جو مجموعو ”ديوان دوست“ جي نالي سان موجود آهي هن 24 سيپٽمبر 1920ع تي ٽنڊي آغا ۾ وفات ڪئي سندس شاعريءَ جو هڪ نمونو اياز قادريءَ جي ڪتاب ”سنڌي غزل جي اوسر“ ۾ پڙهي سگهجي ٿو مخدوم طالب المولي جي ڪتاب ياد رفتگان ۾ به سندس هڪ ڪلام شامل آهي

آخوند محمد حسن مسڪين


آخوند محمد حسن مسڪين هڪ قادرالڪلام شاعر اديب ۽ محنتي استاد هو. هو شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ حاجي خان ڪلهوڙي ۾ 12 مئي 1904ع تي آخوند محمد داؤد سومري جي اڱڻ تي خوشيون کڻي آيو ان وقت جي دستور مطابق ديني تعليم سان گڏ عربي ۽ فارسي جا ڪجهه ڪتاب پڙهيو ان کان پوءِ سنڌي فائنل پاس ڪري پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو هن سڄا سارا 37 سال قوم جي ٻوٽهلن کي علم جي زيور سان آراسته ڪيو ۽ 1959ع ۾ رٽائر ٿيو هو هڪ بهترين ليکڪ، عالم ۽ شاعر پڻ هو شاعريءَ ۾ ”مسڪين“ سندس تخلص هو سندس ڪتابن ۾ ”فقه“، ”احاديث نبوي“، ۽ ”منتخب آيات ڪريم جو تفسير ۽ شرح“ شامل آهن هن 11 آگسٽ 1976ع تي راهه رباني ورتي

محمد جمن دريدر



محمد جمن دريدر سنڌ جو هڪ انقلابي شاعر، سنگيتڪار ۽ قوم پرست تحريڪ جو هڪ اهم ڪردار هو. کيس پيار وچان ماما جمن دريدر ڪوٺيو ويندو هو هن آدرشي انسان جو جنم عمرڪوٽ تعلقي جي ڳوٺ روحل واهه ۾ 12 مئي 1944ع تي ٿيو سندس والد عبدالرشيد ساند هڪ مسڪين هاري هو هن ابتدائي تعليم پهريائين عمرڪوٽ ۽ پوءِ پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي ان بعد گورنمينٽ مڊل اسڪول ساڀي ۾ پڙهيو هو ساڀي ڳوٺ جي مدرسي ۾ به پڙهيو جتي مشهور قوم پرست اڳواڻ عبدالواحد آريسر سندس ڪلاس فيلو رهيو 1960ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ بعد ميرپورخاص مان فيلڊ اسسٽنٽ جو ڪورس پاس ڪيائين هن فيلڊ اسسٽنٽ طور سنڌ جي مختلف شهرن ۾ نوڪري ڪئي زرعي ڪاليج سڪرنڊ ۾ هن ڪيترائي اسٽيج ڊراما پيش ڪيا، جن ۾ هن هڪ اداڪار، صداڪار ۽ هدايتڪار طور ڪم ڪيو. عبدالواحد آريسر جي صحبت کيس قوم پرست تحريڪ جو اڻٽٽ انگ بڻائي ڇڏيو هو پهريائين جيئي سنڌ محاذ ۽ پوءِ جيئي سنڌ قومي محاذ جو سرگرم ڪارڪن رهيو. هن 1968ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي سندس شاعريءَ ۾ رومانيت جا رنگ، ترقيءَ سان محبت جا اٿاهه جذبا ۽ قومي جدوجهد جا عڪس نمايان نظر اچن ٿا. سندس آتم ڪهاڻي ”وٺي هر هر جنم وريو“ شايع ٿيل آهن هن انمول انسان 20 آڪٽوبر 2022ع تي پنهنجي ڌرتيءَ کان هميشه لاءِ موڪلايو.

علامه مستانو سيوهاڻي



اڄ مشهور ليکڪ علامه مستاني سيوهاڻيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي هو لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ پيارو واهڻ ۾ 12 مئي 1947ع تي جائو سندس پورو نالو رحمت الله ولد محمد صديق ابڙو هو هن بي اي (آنرس) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون ۽ پوليس کاتي ۾ نوڪري ڪئي هو خاص طور تي پنهنجي مزاحيه لکڻين ڪري مشهور هو هن جا ڪيترائي شعر، ڪهاڻيون، مضمون ۽ ڪالم مختلف اخبارن ۾ ڇپيا موسيقيءَ جي به چڱي ڄاڻ حاصل هئس سندس هڪ ناول ”بير جي ڍنگهري“ شايع ٿي چڪو آهي هن 27 اپريل 1982ع تي وفات ڪئي

امير مهڪ



هن ناليواري ڳائڻيءَ جو جنم 12 مئي 1980ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو هن جي والده شميم آرا ۽ وڏي ڀيڻ انجم آرا به مشهور ڳائڻيون هيون. هن ڳائڻ جي سکيا استاد اميرعليءَ کان ۽ پنهنجي والده کان حاصل ڪئي. هوءَ 1994ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي متعارف ٿي ان بعد پاڪستان ٽيليويزن ۽ نجي ٽيليويزن چئنلن تي ڳائيندي رهي آهي سندس ڳايل ڪلامن جا 14 کان وڌيڪ البم جاري ٿي چڪا آهن خاص طور تي سندس ڳايل قلندر جي ڌمال ”منهنجا قلندر لعل مان تنهنجي ملنگياڻي آهيان“ گهڻو مشهور آهي

مرزا قربان علي بيگ قربان

هن قادرالڪلام شاعر ۽ مرثيه گو شاعر جو جنم 1872ع ڌاري ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ ٿيو هن پنهنجي ڏاڏي آخوند علي محمد جي مدرسي مان عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردوءَ جي تعليم حاصل ڪئي. ڪجهه عرصو روينيو کاتي ۾ نوڪري ڪيائين پر پوءِ مير نورمحمد خان وٽ منشيءَ طور ڪم ڪيائين. هو خوشخطيءَ ۽ خطاطيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن جا لکيل اکر اهڙا ته سهڻا هئا جو ائين لڳندو هو ڄڻ ڇپيل هجن. مرزا قليچ بيگ ۽ مير نور محمد ٽالپر جي لائبريءَ جا اڪثر ڪتاب سندس هٿ جا لکيل هئا. هو هڪ سٺو شاعر هو. شاعريءَ ۾ پنهنجي والد مرزا قاسم علي بيگ ۽ مولوي سيد ابوالقاسم لکنويءَ کان اصلاح وٺندو هو مير علي نواز ناز به شاعريءَ ۾ سندس سرپرستي ڪندو هو. سندس شاعريءَ ۾ مرثيه، مناجاتون، منقبتون، نعتون ۽ غزل شامل آهن. هن ايران ۽ عراق جي مقدس مقامات جون زيارتون ڪيون ۽ پنهنجو سفرنامو به لکيو هن 12 مئي 1932ع تي وفات ڪئي.


افضل قادري



سنڌ جي هن نامور شاعر جو جنم 15 آگسٽ 1949ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ دودي سيڻهڙي ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو حافظ احمد رحمت الله قادري هو افضل قادريءَ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ پائلٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين. ان بعد سکر مان وٽنريءَ جو هڪ ڪورس پاس ڪيائين غربت سبب وڌيڪ تعليم کان وانجهيل رهيو. پيٽ گذر لاءِ جانورن جي اسپتال ۾ اسٽاڪ اسسٽنٽ طور ڪم ڪيائين. هن عمارتن کي رنگ ڪرڻ، سائيڪلن ڪرائي تي ڏيڻ ۽ هيڻين جي مانڊڙين تي مزدوري ڪرڻ جهڙا ڪم به ڪيا. هو هڪ پلوڙ شاعر هو ۽ لاڙڪاڻي ۾ منعقد ٿيندڙ مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندو هو. سندس شاعريءَ جو ڪتاب ”پريا رنگ رتول“ 1977ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هن 12 مئي 1990ع تي ابدي سفر اختيار ڪيو.



مختيار اٽڙ

صوفي غلام محمد پيامي



شڪارپور ضلعي جي هن شاعر جو جنم پهرين جولاءِ 1931ع تي ڳوٺ علي آباد (قبو جامي) ۾ محمد ساڃن سومري جي گهر ۾ ٿيو. هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ نوڪري ڪرڻ بجاءِ درزڪو ڪم ڪندو هو. هن سٺ واري ڏهاڪي ۾ شاعري شروع ڪئي. شاعريءَ ۾ ”صوفي“ ۽ ”سومرو“ تخلص استعمال ڪيا اٿس. سندس شاعريءَ جو مجموعو ”درد جون دانهون“ قلمي صورت ۾ موجود آهي. جنهن ۾ ڪافيون، غزل ۽ مولود شامل آهن. هن 12 مئي 1978ع تي دم ڏڻيءَ حوالي ڪيو.

زيب عاقلي




اڄ مشهور شاعر، اديب، صحافي ۽ براڊڪاسٽر مرحوم زيب عاقليءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن ناليواري ليکڪ جو جنم پهرين آڪٽوبر 1920ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ عاقل ۾ ٿيو هن جو اصل نالو عبدالحق ولد مولوي محمد عاقل هو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ سنڌي فائنل جو امتحان لاڙڪاڻي مان پاس ڪيو. مقامي مدرسي ۾ فارسي ٻوليءَ جا سبق به پڙهيو. هن 1962ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اسٽاف آرٽسٽ طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. 1963ع ۾ ساڳيءَ ريڊيو اسٽيشن تي سليباتي ڪانٽريڪٽ تي اسڪرپٽ رائٽر مقرر ٿيو. هن ريڊيو لاءِ ڪيترائي ڊراما، گيتن پروين ڪهاڻيون، فيچر ۽ اسڪرپٽ لکيا. 1973ع ۾ ريڊيو پروڊيوسر ۽ 1974ع ۾ سينيئر پروڊيوسر مقرر ٿيو. 1980ع ۾ رٽائر ٿيو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هو ريڊيو تي ڪم ڪندڙ ڪمپيئرن ۽ ميزبانن جا تلفظ درست ڪندو رهيو. هن جي شاعري روبينه ـ قريشي، زرينه بلوچ ۽ عابده پروين سميت ڪيترن ئي ڳلوڪارن جي آواز ۾ ريڊيو تي رڪارڊ ٿيل آهي. هي انمول شاعر 12 مئي 1991ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي.

مٺا خان زرداري




اڄ ذات جي ڏيهه جي ڏيٺي مٺا خان زرداريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي مٺا خان گهوڙي وجهڻ جو ماهر هو. هن 1918ع ڌاري پريتم آباد تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو. سندس والد جو نالو سونو خان زرداري هو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪري پوليس ۾ نوڪري ڪئي. هن کي گهوڙي وجهڻ جو شوق ننڍپڻ هوندي کان ٿي ويو پنهنجي رشتيدارن محمد ڪامل ۽ خدابخش کان باقاعدي گهوڙو وجهڻ سکيائين هن سنڌ جي مشهور فنڪارن ماستر چندر، سونا خان بلوچ، جيوڻي ٻائي، مصري خان جمالي، خميسي خان ۽ ٻين سان گڏ پيٽ تي سنگت ڪئي هن سنڌ ۽ پاڪستان کان علاوه دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو ايران جي رضا شاهه پهلويءَ، نيپال جي صدر، انڊونيشيا جي سوهارتو ۽ سوئيڪارنو ۽ پاڪستان جي صدر ايوب خان هن کي باقاعدي داد ڏنو اسماعيلين جي روحاني پيشوا هزهائينيس پرنس آغا ڪريم خان جي ٽياليءَ جي شاديءَ ۾ هن کي خاص دعوت ڏئي گهرايو ويو هن جي فن کي مڃتا ڏيندي پاڪستان سرڪار کيس حسن ڪارڪردگيءَ جي اعزاز سان نوازيو مٺا خان زرداريءَ 12 مئي 2011ع تي هن فاني دنيا کي الوداع چيو

شير شاهه بخاري



شير شاهه بخاري سنڌ جو هڪ ناليوارو تعليمي ۽ نصابي ماهر هو. سندس جنم 14 جنوري 1940ع ۾ تعلقي ٽيو سعيدآباد ۽ ضلعي مٽياريءَ جي مشهور ڳوٺ امين لاکي ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيٽ جو امتحان هالا مان پاس ڪيائين. هن بي اي، ايم اي (سنڌي ادب) ۽ ايم ايڊ جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون. 1961ع ۾ سڪرنڊ ۾ پرائمري استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪيائين. مختلف اسڪولن ۾ نوڪري ڪرڻ کان پوءِ ڊويزنل ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجي رسورس سينٽر لطيف آباد جو ڊپٽي ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. 1996ع کان وٺي 2000ع تائين ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جو پرنسپال رهيو. شير شاهه بخاري سنڌي ٻوليءَ ۽ نصاب ٺاهڻ جو ماهر هو. پاڻ مادري ٻولين جي نصابي ڪاميٽي ۽ درسي ڪتابن جي جائزي ڪاميٽيءَ جو ڊگهي عرصي تائين ميمبر رهيو. هو سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ پاران درسي ڪتابن جي ليکڪن واري ڪاميٽيءَ جو پڻ ميمبر رهيو. هن استادن کي پڙهائڻ جي سکيا ڏيڻ لاءِ ”استادن جو رهبر“ نالي سان ڪتاب لکيو. شاهه صاحب سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ جي سنڌي لغت بورڊ جو انچارج هو. سيد شير شاهه بخاريءَ 12 مئي 2021ع تي وفات ڪئي.

سهيل فيصل ابڙو



هن نامور اديب ۽ تعليمي ماهر جو جنم 28 فيبروري 1976ع تي هالا ۾ ٿيو پهرين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين هالا جي تعليمي ادارن ۾ پڙهيو ۽ ان بعد مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجيءَ مان سول انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات هالا مورو پراجيڪٽ ۾ نيشنل هاءِ وي جي ورڪنگ اسٽاف طور ڪيائين ڪجهه عرصو نادرا ۽ ايشين ڊولپمينٽ بينڪ ۾ به نوڪري ڪيائين 2002ع کان 2003ع تائين ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڊيوٽي آفيسر طور ڪم ڪيائين اڳتي هلي تعليم کاتي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدي تائين پهتو سهيل ابڙو هالا جي ڪيترين ئي علمي ادبي ۽ سماجي تنظيمن جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو انهن ۾ هالا ادبي سنگت، سنڌو آرٽس ڪلب، مهراڻ سوشيو ڪلچرل فورم ۽ سنڌ اسڪائوٽ ايسوسيئيشن حيدرآباد شامل آهن هن 1992ع کان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي شاعريءَ سان گڏ ڪيترائي مضمون ۽ ڪالم پڻ لکيائين هو اسٽيج ۽ ريڊيو جو بهترين ڪمپيئر پڻ هو هن اهلهه انسان 12 مئي 2022ع تي پنهنجي زندگيءَ جو سفر پورو ڪيو

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ گارڊين جج اينڊ جي ايم II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
گارجين سوٽ نمبر 17 سال 2026

زاهدان بيواه ولي محمد رند ذات رند رهندڙ وارڊ نمبر 01 سعيد آباد تائون تعلقو سعيد آباد ڊسٽرڪٽ مٽياري ..ايپليڪينٽ بخلاف. (1) مسمات صدوري بيواه عبدالستار رند (2) نرما ڌيءُ مرحوم ولي محمد رند (3) ٽائون آفيسر ايٽ ٽائون ڪاميٽي سعيد آباد (4) انچارج نادرا سينٽر سعيد آباد (5) مختيارڪار روينيو سعيد آباد (6) ليڊي اپوننٽس نمبر 01 رهندڙ وارڊ نمبر 01 سعيد آباد ٽائون تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري (7) جنرل پبلڪ ايٽ لارج..اپوننٽس .. اپوننٽس (1) سمرا (2) اظهر علي (3) مظهر علي.. مائنر

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 10،7،25.، گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي تنهنڪري توهان کي هن اخبار 12-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/ گارڊين جج اينڊ جي ايم II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو
(روبرو جناب جميل انصاري)
فيملي سوٽ نمبر33سال 2026

مسمات سحر پروين ڌيءُ غلام مصطفيٰ ٻگهيو رهندڙ ڳوٺ ڦل ٻگهيو تعلقو مورو ضلعو نوشهرو فيروز ..پلينٽف بخلاف. محمد مصطفيٰ ولد محمد رمضان رهندڙ نقاش ولاز فيز 2 قاسم آباد حيدرآباد سيل نمبر 03003793928/03155203585 ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار 13-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر24سال 2026

شريمتي پوري ڌيءُ ميگهو زال سنتوش هندوبالغ ذات ڪولهي رهندڙ نزد وگهيرجي ڳوٺ ڪالو ڪولهي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص ..پلينٽف بخلاف. سنتوش ولد شيوو ڪولهي ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ عمر دين پنجابي نزد 10 ميل موري تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ گارڊين جج اينڊ جي ايم II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
گارجين سوٽ نمبر سال 2026

ولديت جي درستي

هي عام اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته رضوان الله پٽ امان الله جي تعليمي سرٽيفڪيٽن ۽ رڪارڊ ۾ والد جو نالو انگريزي ۾ غلطي سان "Uman Allah" لکجي ويو آهي جڏهن ته صحيح نالو "Amanullah" آهي.تنهن ڪري سمورن تعليمي لاڳاپيل ادارن، بورڊن، يونيورسٽين ۽ آفيسن کي اطلاع ڏجي ٿو ته مذڪوره غلطي کي درست سمجهي اڳتي هلي والد جو صحيح نالو Rizwanullah S/o Amanullah لکيو ۽ پڙهيو وڃي.هي اشتهار صرف رڪارڊ جي درستگي ۽ مستقبل جي قانوني ضرورت خاطر جاري ڪيو ويو آهي.

رضوان الله پٽ امان الله

لاتعلقي جواظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته منهنجو پاڻ نالي اشرف علي ولد حاجي مصري شناختي ڪارڊ نمبر 4130128880355جيڪو گذريل 30 سالن کان ڳوٺ ۾ الڳ پنهنجي فيملي سان گڏ رهائش پذير هو جنهن جي رهائش ڪاڏ خوارڪ مون کان عليحده هئي جيڪو هالا شهر ۾ اسڪريپ بيٽري ۽ سولر پينل جو ڪاروبار ڪندو هو جيڪو تقريبن هڪ سال پهرين منهنجو پاڻ اشرف علي دڪان ۽ سامان وغيره وڪرو ڪري اسان پاڻ پيرن عزيزن کي بغير ٻڌائڻ جي پنجاب ۾ ڪنهن نامعلوم جڳهه تي شفٽ ٿي ويو آهي ۽ گذريل هڪ سال کان منهنجي يا منهنجي خاندان جي ڪنهن به فرد جو اشرف علي سان ڪنهن به قسم جو رابطو نه آهي ۽ سنڌس وڃڻ بعد اسان سان ڪنهن قسم جو رابطو تعلق نه رکڻ ڪري آئون ڪيس هر رشتي مان لاتعلق لادعوه ڪيان ٿو اڄ کان پوءِ منهنجو يا منهنجي خاندان جي ڪنهن به فرد جو اشرف علي ۽ ان جي گهرڀاتين سان ڪوبه رشتو/تعلق نه آهي جيڪڏهن اشرف علي ڪنهن شخص سان ...

چڏيو زخمي نوجوان کي ڳنڀير زخمي حالت ۾ نوابشاهه اسپتال نيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو نوجوان جي فوت ٿيڻ جي خبر ملندي ئي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ علائقي ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانئجي ويو جڏهن ته ڪاڌر پوليس نوابشاهه اسپتال پهچي لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقه اسپتال سڪرنڊ منتقل ڪيس جتان ضروري ڪاغذي ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو خبر لکڻ تائين واقعي جو اڃا تائين ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي جڏهن ته پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا	4	ڪيس داخل

مسرڪ ۽ عثمان مسرڪ مٿان بڪيراشريف ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ذريعن موجب بڪيراشريف پوليس ڪيس ۾ نامزد جوابدارن مان هڪ جٽي مُڪ جوابدار کي پڻ گرفتار ڪري ورتو آهي

بقايا	5	دعوي

شهيد بينظيرآباد جي حڪم تي سٽي دولت پور ۽ علي آباد پوليس منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف رڻ ٻاري ڏنو ان حوالي سان منشيات وڪرو ڪندڙ ۽ شراب ڏاهيندڙن خلاف ايس ايڇ او علي آباد مغل خان سيال وڏي منشي طارق خاصخيلي کي ڳجهو اطلاع ملڻ تي سخت ڪارروائي ڪندي عدنان شاهه حسين شاهه ۽ ڳوٺ ...

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BIDS

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited for the following:

	TENDER NO	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LH-PT-PNP-320982177-2026	DIFFERENTIAL PRESSURE GAUGES	02.06.2026 AT 1130 Hrs

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **07.04.2026, 11.04.2026, 14.04.2026, 23.04.2026, 24.04.2026** and **28.04.2026**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

EXTENSION NOTICE

BID CLOSING & OPENING DATE

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-FB-CB-DRLG-318499020-26	CASING FOR BARAGZAI	21.05.2026 AT 1100 Hrs
2.	OGDC-SCM-FC-CB-DO-RM-316993556-2026	PROUREMENT OF HIGH PRESSURE MUD SYSTEM	25.05.2026 AT 1100 Hrs
3.	OGDC-SCM-LF-PT-D(RM)-318168624-2026	MUD TANK SYSTEM AND PRE-QUALIFICATION FOR DESIGN, FABRICATION OF PROCESS VESSELS	25.05.2026 AT 1130 Hrs
4.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-RM-308636654-2026	HIRING OF FIELD SUPPORT RESOURCES FOR DRILLING OPERATIONS	09.06.2026 AT 1030 Hrs
5.	OGDC-SCM-FC-CB-PROJ-SINJ-II-PC-318467013-2026	PC CONTRACTOR FOR SINJHORO-II DEVELOPMENT PROJECT	16.06.2026 AT 1100 Hrs

3. Bidders who have already submitted and sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date and time.
5. Tender Notice and detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com
No. 226/31

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION | WE EXPLORE PROSPERITY

ٽنڊوآدم لڳ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر، نوجوان فوت 2 ڄڻا سخت زخمي

تارا باغ وٽ حادثي ۾ 21 ورهين جو خليل ۽ 18 ورهين جو الطاف ٻرڙو زخمي ٿي پيا

زخمين کي اسپتال نيو پئي وڃو ته رستي الطاف زخمن جي سٽ نه سهندي فوت

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم شهدادپور روڊ تي تارا باغ لڳ ٻن تيز رفتار موٽرسائيڪلن جي ٽڪر ۾ ڳوٺ احمد ٻرڙا جو رهواسي 18 سالن جو نوجوان الطاف ٻرڙو ۽ گلزار ڪالوني ٽنڊوآدم جا رهواسي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5


مٽياري: زخمي ٿيل نوجوان کي اسپتال نيو پيو وڃي

ننگرپارڪر ويجهو نوجوان پيءُ سان ڪاوڙجي پاڻ کي ڦاهو ڏئي ڇڏيو

ڳوٺ پيتلي ۾ 28 ورهين جي ڪيمچند پٽ گينو ڪولهي انتهائي قدم کنيو

پوليس پهچي نوجوان جو لاش اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر جي ڳوٺ پيتلي ۾ 28 سالن جي ڪيمچند پٽ گينو ذات ڪولهي جو گهرن ٻاهران وڻ تنگيل لاش مليو آهي. ننگرپارڪر پوليس اطلاع ملڻ تي واقعي واري هنڌ پهچي لاش ننگرپارڪر اسپتال پهچايو. لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو. پوليس ٻڌايو ته نوجوان پنهنجي مائٽن جو اڪيلو پٽ هو نوجوان پنهنجي پيءُ کي چيو ته آئون بلوچستان ڏاڍي لاءِ وڃان ٿو ڪيس والد اجازت نه ڏني جنهن تان هن ڪاوڙ ۾ اچي خودڪشي ڪري ڇڏي. ٻئي طرف وڻ ۾ ٽنگيل نوجوان جا پير هيٺ زمين سان لڳل هئا. ننگرپارڪر پوليس ٻڌايو ته واقعي جي جاچ هلندڙ آهي.

مٽياري ويجهو ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين جهيڙي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو زخمي

مٽياري (ڊ ر) شاهپور ٿاڻي جي حد واري ڳوٺ يوسف ڪوسو ۾ ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين جهيڙين جهيڙي دوران گولي لڳڻ سبب ميون ڪوسو سخت زخمي ٿي پيو ۽ گهڻي جوڳي حالت ۾ اسپتال داخل ڪيو ويو. ٻڌايو ٿو وڃي ته نوجوان کي حسن ڪوسو حسين ڪوسو وزير ڪوسو ۽ بشير ڪوسو هلاڻ ڪري جهيڙو
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5


ڪوٽڙي سائيٽ: ايس ٽي پي ڪارڪنن ۽ پٺاڻن ۾ ٿيل جهيڙي جو نبيرو ڪرڻ بعد دعا گهري پئي وڃي

سڪرنڊ ويجهو هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان مارجي ويو، گهر ۾ ڪهرام

ور استاپ پرسان هٿياربندن گولين هڻي نوجوان گل بيگ جمالي کي زخمي ڪري ڇڏيو

نوجوان کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ نوابشاهه اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڌڻي حوالي ڪيو

پوليس اسپتال پهچي لاش تعلقه اسپتال سڪرنڊ آڻي پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

سڪرنڊ (س ر) سڪرنڊ لڳ ڪڌهر ٿاڻي جي حد ور استاپ پرسان شهمير زرداري موري وٽان نامعلوم هٿياربندن گولين هڻي ڳوٺ مهر علي جمالي واسي نوجوان گل بيگ ولد نور حسين جمالي کي سخت زخمي ڪري
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5


ٽنڊوڄام: فوت ٿي ويل پينشنر جو لاش پيل آهي

ٽنڊوالهيار ويجهو نوجوان جو تشدد ٿيل لاش هٿ، ٽن ڄڻن خلاف ڪيس داخل

ڳوٺ دريا خان مسرڪ پرسان لاش جي اطلاع تي پوليس پهچي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

مقتول صديق مسرڪ جي ڀيڻ جي فرياد تي پوليس ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو بڪيرا شريف ٿاڻي جي حد ڳوٺ دريا خان مسرڪ پرسان زرعي زمين ويجهو واري جي ڍڳن تان نوجوان جو تشدد ٿيل لاش ڏسي وارثن ۽ ڳوٺاڻن پوليس کي اطلاع ڏنو. اطلاع تي بڪيرا پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي تحويل ۾ وٺي ٽنڊوالهيار جي سول اسپتال پهچايو جڏهن ته لاش جي سڃاڻپ ڳوٺ دريا خان مسرڪ واسي 40 سالا محمد صديق مسرڪ طور ٿي آهي پوليس موجب نوجوان جو لاش هٿ آيو آهي ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو آهي. نوجوان جي ڳلي ۾ نشان آهن شايد ڪيس گهٽا ڏئي قتل ڪيو ويو آهي وڌيڪ پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ بعد اصل حقيقتون سامهون اينديون ٻئي پاسي مقتول محمد صديق مسرڪ جي ڀيڻ مسمات حليمان زال مير محمد مسرڪ جي فرياد تي ٽن ڄڻن محمد صالح عرف حاجن مسرڪ . عمر
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

دولتپور صفن پوليس پاران ٽن جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

دولت پور صفن (ن ع) ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد جي حڪم تي سٽي دولت پور جي مختلف ٿاڻن دولت پور ۽ علي آباد جي ٿاڻن جي حدن ۾ پوليس منشيات وڪرو ڪندڙن شراب ٺاهيندڙن ۽ وڪرو ڪندڙ خلاف پوليس ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي 3 ماڻهن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي خبر موجب ايس ايس پي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5



سامارو: شهري منشيات فروشن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪورواهه ويجهو سم نالي جي ڪاٽي نه ٿيڻ خلاف آبادگارن پاران احتجاجي مظاهرو

آبادگارن ڊاڪٽر ٻچل ننڌن، گل منير ننڌن پوڙهو ٻاڪڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سم نالي جي ڪاٽي نه ٿيڻ ڪري برساتن دوران زمينون ۽ ڳوٺ ٻڏڻ جو خدشو آهي: مظاهرين

ڪورواهه (رپورٽ: غلام علي مغل) ڪورواهه ويجهو 5 L لنڪ ڌرين سم نالي جي ڪاٽي نه ٿيڻ خلاف آبادگارن پاران احتجاجي مظاهرو ۽ نعريبازي، ان موقعي تي آبادگارن ڊاڪٽر ٻچل ننڌن گل منير ننڌن پوڙهو ٻاڪڙ جمن ننڌن محمد چانگ، عمر شيخ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گذريل ڪيترن سالن کان 5 L سم نالي جي ڪاٽي نه ٿيڻ سبب هر سال چوماسي جي برساتن ۾ اسان جون آباديون ڳوٺ ۽ اچ وڃ جا رستا مڪمل برساتي پاڻي ۾ ٻڏل هوندا آهن هتان چيو ته سم نالو اسان جي زمينن جي سطح کان ٽي چار فوٽ مٿي هئڻ ڪري هر سال هتان جي آبادگارن جو لکين رپين جو نقصان ٿئي ٿو هنن مطالبو ڪندي چيو ته نوٽيس وٺي سم نالي جي ڪاٽي ڪرائي آبادگارن کي معاشي نقصان کان بچايو وڃي


بدين: ڳوٺاڻن جي ڪچهري ۾ اڳواڻ ڳالهائي رهيو آهي

ڄام نواز علي لڳ جت ۽ مري برادري ۾ خوني تڪرار جو نبيرو، هڪ ڪروڙ ڏنڊ مقرر

وڏيري محمد خان جوڻيجو جي سرپنچي هيٺ نبيري ۾ حاجي حاڪم مري ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ بعد عبدالله مري جي ڌر تي قتل ثابت ٿيڻ تي مٿن هڪ ڪروڙ ڏنڊ وڌو ويو

جهڳڙا ڌراڳرائي ڪندي ان تي 50 لک ڏنڊ ۽ مرڻ جي ڌرمال جي پيل يا شڪار ڪندي 10 لک ڏنڊ پريندي: محمد خان جوڻيجو


ڄام نوازعلي (ن ع) ڄام نوازعلي ٿاڻي جي حد واقعي شوڪت جت جي سال جي پيل تان ٻه سال اڳ مري ۽ راڄا شوڪت جت جهيڙي فائرنگ دوران سندس پٽ راڄا عمر جت قتل جو نبيرو وڏيري محمد خان
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

هنگورجا لڳ ٽرالر ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب واپڊا ملازم فوت

قومي شاهراهه تي پيش آيل حادثي ۾ محمد مراد ڦلپوٽو ٿڏي فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

هنگورجا (ن ع) رسول آباد قومي شاهراهه تي ٽرالر ۽ موٽر سائيڪل وچ ۾ زوردار ٽڪر. موٽر سائيڪل سوار خيرپور واسي سيپڪو ملازم ٿڏي تي فوت. ٽرالر ڊرائيور گاڏي سميت فرار. حادثي جو ڪيس داخل ن ٿيو تفصيل موجب رسول آباد قومي شاهراهه تي منگڻا پوٽا اسٽاپ ويجهو تيز رفتار ٽرالر ۽ موٽر سائيڪل وچ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل تي سوار خير پور واسي سيپڪو ملازم محمد مراد ڦلپوٽو ٿڏي فوت ٿي ويو. ٻڌايو ٿو وڃي ته فوتي محمد مراد ڦلپوٽو سيپڪو نوشهروفيروز جو ملازم هيو جيڪو ڊيوٽي تي وڃي رهيو هيو
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5



حڪمران ملڪ ۽ عوام کي تباهه ڪري پنهنجا گهر ڀري رهيا آهن: لال جروار

پوتاري ۽ پوليس اسٽيٽ سسٽم لاڳو ڪري عوام تي ظلم ڪيو پيو وڃي

آئين ۽ قانون جي حڪمراني بدران مرضي جا قانون پاس ڪري بنيادي انساني حق کسيا پيا وڃن

بدين (ڊ ر) عوامي تحريڪ جي اڳوڻي مرڪزي صدر لال جروار ضلع بدين جي صدر مهراڻ درس جيون ڪولهي ايڊووڪيٽ محبت هالپيوٽو ايڊووڪيٽ فاضل ڏٺو ۽ ٻين ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ پيٺو ڪولهي ۾ عوامي تحريڪ ۾ شموليت ڪندڙ ڳوٺاڻن پاران رکيل آجياڻي کي خطاب ڪندي چيو آهي ته ملڪ جا حڪمران ملڪ ۽ عوام کي تباهه ڪري پنهنجا گهر ڀري رهيا آهن جنهن مان سب کان سڌيڪ متاثر پورهيت عوام آهي پوتاري ۽ پوليس اسٽيٽ سسٽم لاڳو ڪري عوام تي ظلم ڪيو پيو وڃي آئين ۽ قانون جي حڪمراني بدران مرضي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ شهيد پوليس اهلڪار گل محمد تنيو جي نماز جنازه ادا ڪئي وئي

آخري رسمن ۾ ايس ايس پي سميت ٻين عملدارن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي

شهيد پوليس اهلڪار جي قرباني ڪڏهن به رائيگان نه وينديون: ايس ايس پي سکر

سکر (بيورو رپورٽ) فرائض جي ادائيگي دوران شهيد ٿيندڙ پوليس ڪانسٽيبل گل محمد تنيو جي نماز جنازه پوليس لائين هيڊڪوارٽر سکر ۾ ادا ڪئي وئي شهيد جي مغفرت ۽ بلند درجن لاءِ اجتماعي دعائون گهريون ويون ترجمان سکر پوليس موجب ايس ايس پي سکر اظهر خان ايس پي انويسٽيگيشن عبدالغفور لاکو سميت ٻين پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن صحافين، سياسي ۽ سماجي شخصيتن وڏي انگ ۾ شهيد پوليس اهلڪار جي نماز جنازه ۾ شرڪت ڪئي ياد رهي ته گذريل رات ڪندرا ٿاڻي جي حد ۾ پوليس جو ڌوڙهارين سان مقابلي دوران انتهائي بهادري جو مظاهرو ڪندي پوليس ڪانسٽيبل گل
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5


حيدرآباد: راهوڪي ٿاڻي جي حد جا رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن


ملتان: هڪ عورت ريڙهي تي کائڻ جو شيون وڪرو ڪري رهي آهي

ٽنڊوالهيار ويجهو سوزڪي ڪلٽي ٿيڻ سبب نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

بڪيرا شريف ۾ پيش آيل حادثي ۾ 18 ورهين جو آڪاش باگڙي فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو بڪيرا شريف ۾ سوزڪي جو ٽائر برسٽ ٿيڻ ڪري سوزڪي ڪلٽي ٿي پئي نتيجي ۾ 18 سالا نوجوان آڪاش باگڙي فوت ٿي ويو اطلاع تي بڪيرا شريف پوليس پهچي لاش ۽ زخمين کي سول اسپتال پهچايو جتان ضروري ڪارروائي بعد فوتي جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو پوليس موجب واقعو تيز رفتاري سبب ٽائر ڦاٽڻ ڪري پيش آيو آهي وڌيڪ جاچ ڪريون پيا جڏهن ته فوتي نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

دڙي پرسان نوجوان جو گولي لڳل لاش هٿ، علائقي خودڪشي جا چوٻول

ڳوٺ شير محمد جماري ۾ 20 ورهين جي ڏٽي بخش جماري جو لاش هٿ آيو

اطلاع تي پوليس ڪٺائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

دڙو (ن ع) دڙي لڳ ٻنون جي ڳوٺ شير محمد جماري ۾ 20 ورهين جي نوجوان ڏٽي بخش جماري پستل جو فائر لڳل لاش هٿ آيو آهي، وارثن طرفان نوجوان جو موت اتفاقي گولي لڳڻ قرار ڏنو ويو آهي. ٻنون پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي رورل هيلٿ سينٽر دڙو مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو سلسلي ۾ وارثن جو چوڻ آهي ته سندن ڪنهن سان به دشمني ناهي، نوجوان ڏٽي بخش جماري پستل صاف ڪري رهيو هو ته اتفاقي گولي ڇٽڻ سبب فوت ٿي ويو ٻئي طرف علائقي ۾ عام چوٻول آهن ته نوجوان ڏٽي بخش جماري گهرو پريشاني سبب پاڻ مٿان پستل جو فائر ڪري مبينا آپگهات ڪري ڇڏيو آهي


ڪورواهه: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊوڄام ۾ وڌيڪ هڪ پينشنر بيماري وگهي فوت، تعداد 7 ٿي ويو

بلديه حيدرآباد جو رٽائرڊ ملازم علي ڏنو صبحپوٽو بيماري وگهي فوت ٿي ويو

ڇهن مهينن کان پينشن بند هجڻ ڪري هي ستون ملازم فوت ٿيو آهي: اڳواڻ

ٽنڊوڄام (ت ر) پينشن لاءِ احتجاج ڪندڙ بلديه حيدرآباد جي رٽائرڊ ملازمن مان هڪ ڄڻو مبينا طور علاج نه ڪرائي سگهڻ سبب فوت ٿي ويو آهي. مڇي مارڪيٽ ٽنڊوڄام جو رهواسي علي ڏنو صبحپوٽو ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد گذريل رات فوت ٿي ويو. احتجاج ڪندڙ رٽائرڊ ملازمن احتجاج ۾ ڇڏي فوتي رٽائرڊ ملازم جي جنازي ۽ تدفين ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي احتجاجي پينشنرن جي اڳواڻ آچر ڪاٺيار ٻڌايو ته مرحوم علي ڏنو صبحپوٽو شروعات ۾ ساڻن احتجاج ۾ شريڪ هوندو هو پر طبيعت خراب ٿيڻ سبب بستري پيڙو ٿي ويو جڏهن ته ڇهن مهينن کان پينشن بند هجڻ ڪري هو پنهنجو مناسب علاج به نه ڪرائي سگهيو. رٽائرڊ ملازم اڳواڻ شرافت راجپوت دعويٰ ڪئي ته پينشن جي بندش ڪانيو هي ستون پينشنر فوت ٿيو آهي جڏهن ته ان کان اڳ به ڇهه پينشنر فوت ٿي چڪا آهن. هن چيو ته ڇهن مهينن کان پينشن بند
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص ۾ نوجوان جي مبينا اغوا خلاف ماءُ جو احتجاج، بازيابي جي گهر

منهنجي شادي شده 25 سالن جي پٽ چندر کي اغوا ڪري گم ڪيو ويو آهي: ڪيسري ڪولهي

خدشو آهي ته جوابدار ڪيس ماري ڇڏيندا، پوليس ڪيس داخل نٿي ڪري: عورت جون دانهون

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) جهڏو ٿاڻي جي حد ڪنڊو ڪولاچي واسڻ عورت ڪيسري زال رامچند ڪولهي ميرپورخاص پهچي صحافين آڏو دانهيندي چيو ته منهنجي پٽ کي اغوا ڪري گم ڪيو ويو آهي حد جي پوليس ڪيس داخل نٿي ڪري خدشو آهي پٽ کي قتل ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته علائقي واسي، گلاب ڪولهي ڏانو ڪولهي دلو ڪولهي، لالو ڪولهي ۽ جاني ڀيل ٽن موٽر سائيڪل تي سوار ٿي اسان جي گهر ٻاهران آيا جتي هنن منهنجي شادي شده 25 سالن جي پٽ چندر کي سڏ ڪيو جيڪو گهر کان ٻاهر نڪري آيو جتي ڄاڻايل ماڻهن پاران پٽ کي گهمڻ بهاني موٽر سائيڪل تي ويهاري هليا ويا جڏهن ته 4 ڏينهن گذرڻ باوجود پٽ جو پتو نه پيو آهي ڄاڻايل ماڻهو جن سان گڏ ويو هو آهي ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ تيار ناهن مجبور اچي چيو ته اهڙي شڪايت حد جي پوليس کي ڏني پر پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي خدشو آهي پٽ کي قتل
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

شادي لارج: مرحوم الحاج رئيس دريا لنڊ جي پوٽي علي حيدر کي برادري جو پڳدار منتخب ڪيو ويو

شادي لارج (ن ع) لاڙ بدين ۽ ٿرپارڪر ضلعي ۾ لنڊ برادري جي قومي سياسي سماجي معروف شخصيت مرحوم الحاج رئيس دريا خان لنڊ جي پوٽي رئيس علي حيدر خان لنڊ کي برادري جو پڳدار منتخب ڪيو ويو سنڌ جو مشهور ناليوارو لاڙ بدين ۽ ٿرپارڪر ۾ لنڊ قوم جو سياسي سماجي ۽ اهم اڳواڻ مرحوم رئيس الحاج دريا خان لنڊ جي وڏي پڳدار فرزند رئيس محمد
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5



سکر: نيو پنڊ جا رهواسي لوڊشيڊنگ ۽ پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور ۾ معرڪ حق جي حوالي سان مختلف ادارن پاران تقريبون منعقد ڪري پاڪ فوج کي ڀرپور ڀيٽا پيش

خيرپور (ڊ ر) معرڪ حق جي حوالي سان ريڊيو پاڪستان خيرپور پاران گورنمينٽ گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول سال روڊ، بيت المال جي سوئيٽ هوم سنڌ چلڊرن اڪيڊمي ۽ خان لا چيمبر ۾ نوجوانن ۽ ٻارن لاءِ خصوصي پروگرام منعقد ڪيا ويا پروگرام جا ميزبان سليم رضا شيخ هئا. جڏهن ته رڪارڊنگ انجنيئر بشارت حسين ۽ عبدالمجيد کنوهر هئا. پروگرام جا پروڊيوسر نذير احمد گلال ۽ مير ملاح هئا. جڏهن ته انهن پروگرامن جي نگراني اسٽيشن ڊائريڪٽر مسرت علي منگي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

دڙي ۾ ڀيل برادري سان لاڳاپيل 6 خاندانن جي 100 ماڻهن اسلام قبول ڪري ورتو

جي يو آئي جي تقريب ۾ 40 مردن 22 عورتن ۽ ٻارن سميت ڪلمو پڙهي اسلام قبول ڪيو

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ شاهه طرفان 22 غير مسلمانن جي طهر سنت پڻ ڪئي وئي

دڙو (ن ع) دڙي ۾ جي يو آئي جي اهتمام هيٺ هندو برادري جي ڀيل قبيلي سان تعلق رکندڙ 6 خاندانن جي عورتن ۽ ٻارڙن سميت 100 ماڻهن ڪلمو پڙهي اسلام قبول ڪري ورتو ، ڀيل برادري جي مسلمانن ٿيندڙ 40 مردن 22 عورتن ۽ ٻارن سميت 100 ڄڻن پنهنجي رضا خوشي اسلام قبول ڪيو جي يو آئي جي رهنما حنيف، رٽائرڊ ڪرنل عباد علي شڪيل احمد، مولانا شهزاد يوسف ميمڻ راشد علي خان سيد هاشم شاهه سيد فرحت علي شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڀيل برادري جي 6 خاندانن جي سدين سومان فاروق، سليم نذير ۽ شريف ڀيل جي هڪ ڄڻن مذهب اسلام قبول ڪيو جڏهن ته ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ شاهه طرفان 22 غير مسلمانن جي طهر سنت ڪئي وئي. ان موقعي تي جي يو
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

راڄوخاناڻي ۾ حددخلين خلاف آپريشن جو فيصلو هڪ هفتي جو الٽيميٽم

ٽائون چيئرمين مير عرفان ٽالپر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر تلهار جي اڳواڻي ۾ اجلاس ٿيو

واپاري اڳواڻ سيٺ ليلارام ناروائي، هندو پنچائت جي صدر ونود ڪمار اداسي ۽ ٻين جي شرڪت

راڄوخاناڻي (ن ع) ٽائون ڪميٽي راڄوخاناڻي آفيس ۾ راڄوخاناڻي شهر اندر وڌندڙ حد دخلين جي آزار خلاف ڪارروائيون ڪرڻ جي حوالي سان هڪ اهم گڏجاڻي ٽائون ڪميٽي راڄوخاناڻي چيئرمين مير عرفان ٽالپر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر تلهار جهامن داس سونارو جي سربراهي ۾ ٿي گذري ، گڏجاڻي ۾ راڄوخاناڻي شهر جي مختلف واپارين، واپاري ايسوسيئيشن جي صدر سيٺ ليلارام ناروائي، هندو پنچائت جي صدر ونود ڪمار اداسي اعجاز احمد ڪشميري ، ڪندو مل ڏاسواڻي ، شام ڪمار مهيشوري، نثر مل ، مڪيش ڪمار ڀيلاڻي ، ڪمليش ڪمار ، اجي ڪمار ڪائونسلرن مير فيصل ٽالپر مير حسنين ٽالپر غلام مصطفيٰ دستي ٽائون ڪائونسل آفيسر حاجي خان عرف حاجن زيند پور، حسن سومرو، ٽپيدار مصطفيٰ ملاح ، عاشق خاصخيلي ، موسو ميتلو، رياض خاصخيلي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ لڳ ساهورن پاران نوجوان جي تذليل جو ايس ايس پي نوٽيس ورتو

ايس ايس پي جي نوٽيس بعد پوليس چوڪري حميرا کي تحويل ۾ وٺي عدالت پيش ڪيو

ڇوڪري حميرا جوڳي پاران مڙس شوڪت سان گڏ رهڻ جي بيان ڪيس مڙس حوالي ڪيو ويو

سڪرنڊ (س ر) ڳوٺ ماڙي جلباڻي ٿاڻي جي حد ۾ شوڪت جوڳي ۽ سندس گهرواري مسمات حميرا جوڳي وارو معاملو ڪالهه شوڪت جوڳي کي سندس ساهرن دوکي سان گهرائي سندس تذليل ڪري سندس منهن ڪارو ڪري سخت تشدد ڪيو ويو هو جنهن ڪانپوءِ سوشل ميڊيا تي خبر هلڻ ڪانپوءِ ايس ايس پي شهيد بينظير آباد واقعي جو نوٽيس وٺي ڇوڪري حميرا کي پوليس تحويل ۾ وٺي اڄ سڪرنڊ سول ڪورٽ ۾ پيش ڪيو جتي ڇوڪري حميرا جوڳي ۽ سندس ليڊيز وڪيل ڪورٽ ۾ پيش ٿيا جتي حميرا جوڳي عدالت آڏو بيان ڏنو ته آئون پنهنجي مڙس شوڪت جوڳي سان وڃڻ چاهيان ٿي جنهن ڪانپوءِ ڪورٽ مسمات حميرا جوڳي کي سندس مڙس شوڪت جوڳي حوالي ڪرڻ جو حڪم نامو جاري ڪيو، جنهن ڪانپوءِ ڪورٽ ٻاهران شوڪت جوڳي جي ليڊيز وڪيل کي گلن جا هار پارايا ويا،

ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ سچو سانڊ ۾ يوم تشڪر تقريب منعقد ڪري پاڪ فوج کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي وئي

ٽنڊوآدم (ن ع) معرڪه حق جي تاريخي ۽ لازوال ڪاميابي کي هڪ سال مڪمل ٿيڻ جي موقعي تي آرگنائيزيشن لا اسٽوڊنٽس پاران عبدالغفور ڪيريو جي اڳواڻيءَ ۾ ڳوٺ سچو سانڊ ۾ يوم تشڪر جي حوالي سان هڪ پروقار تقريب ڪوٺائي وئي،تقريب ۾ وڏيرو محمد موسيٰ سانڊ، شيراز سمون، عاشق حسين سانڊ، رزاق سنڌي، امان الله انڙ وسيم چنا، شاهنواز
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٿرپارڪر جي سومرا برادري جي ٻنهي ڌرين سان رابطو ڪري تڪرار ختم ڪرايو وڃي: ڪامريڊ ننڊلال مالهي

مٺي (ڊ ر) پ پ ضلعي ٿرپارڪر جي اڳوڻي انفارميشن سيڪريٽري ڪامريڊ ننڊلال مالهي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته اسان پ پ پ ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر ۽ ايم پي اي ادي فريال ٽالپر جا ٿورائتا آهيون جن ڳوٺ گوڙهيار جي سومرا برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار ۽ جهيڙي جي ميڊيا ۾ آيل خبرن جو نوٽس ورتو ۽ لاڳاپيل سمورن چونڊيل
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

مٺي جي صحافي نانڪرام ميگهواڙ سان نوجوان پائيٽي جي ديهانت تي تعزيتي سلسلو جاري

مٺي (ڊ ر) صحافي ۽ سماجي اڳواڻ نانڪرام ميگهواڙ سان سندس نوجوان ڀائيٽي جي اوچتي ديهانت تي ساٿس ڳوٺ سالهوڪاوڙيو ۾ تعزيتي سلسلو جاري آهي ۽ ڪالهه جن ٿڏي پهچي تعزيت ڪئي تن
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ مدينجي واسي پوليس اهلڪار جو ٻارن مائٽن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ مدينجي شهر جي عيد گاهه پاڙي جي رهواسي پوليس اهلڪار ٻائر مائٽن جي مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي پوليس اهلڪار امجد علي ميرائي دانهيندي چيو ته منهنجو ڏاڏي الله ڏنو ميرائي سال 2012 ع فالج جي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5



هنگورجا: پروفيسر نورالدين شيخ جي رٽائرمينٽ تي ٿيل تقريب جو ڏيک

حيدرآباد ۾ "شاگردن ۽ نوجوانن جي بلاول سان وابستگي" عنوان تحت ميڙاڪو منعقد

پ پ سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو تقريب ۾ خاص مهمان طور شريڪ، نوجوانن جي ساراهه

سياف سول اسپتال يونٽ اڳواڻن سجاد چنا، عبدالغفار ڪٽيار ۽ ٻين کي ڪامياب ميڙاڪي تي مبارڪباد پيش

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن سنڌ جي صوبائي جنرل سيڪريٽري لالا مراد، سياف حيدرآباد ضلعي جي صدر شهباز وسطڙو کي سياف سول اسپتال يونٽ جي صدر سجاد چنا ۽ جنرل سيڪريٽري عبدالغفار ڪٽيار ۽ ٻين عهديدارن ڪامياب ميڙاڪي جي انعقاد تي مبارڪباد ڏني آهي لالا مراد خان هائوس جي ويجهو "شاگردن ۽ نوجوانن جو بلاول سان وابستگي" جي عنوان سان هڪ شاندار جلسو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ نوجوانن ۽ شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ريلي جو خاص مهمان پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جو صدر نثار احمد کهڙو هو جنهن پنهنجي خطاب ۾ نوجوانن جي جذبي جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ نوجوان ملڪ جي ترقي ۽ جمهوريت جي مضبوطي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندا. ان موقعي تي سياف سول اسپتال يونٽ پڻ ريلي جي صورت ۾ ميڙاڪي ۾ شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن پارٽي قيادت جي حق ۾ نعرا هنيا ۽ نوجوانن جي اتحاد ۽ يڪجهتي جو اظهار ڪيو سياف سول اسپتال يونٽ جي اڳواڻن چيو ته نوجوانن کي پاڪستان پيپلز پارٽي ۽
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

پرياسڻي مان 5 ڏينهن اڳ گم ٿيل نوجوان جو لاش گهر جي صندوق مان هٿ، زال گرفتار

ڳوٺ يعقوب هڪڙو واسي نوجوان رحمان عرف گڏو هڪڙو جو لاش سندس ئي گهر مان هٿ

اطلاع تي پوليس پهچي زال گلناز هڪڙو کي حراست ۾ وٺي لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

گلناز هڪڙو مقتول جي ڀاءُ سعيد سان گڏجي قتل ڪيو آهي، وڌيڪ جاچ ڪريون پيا: پوليس

پرياسڻي (ن ع) پرياسڻي پرسان جي ڳوٺ يعقوب هڪڙو جو گم ڄاڻايل شادي شده نوجوان رحمان عرف گڏو هڪڙو جو لاش گهر ۾ پيل ڪپڙن واري وڏي صندوق مان هٿ ڪيو ويو.لاش هٿ اچڻ بعد گهر
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5


ٽنڊوالهيار: تشدد ڪري قتل ڪيل نوجوان محمد صديق مسرڪ جو لاش پيل آهي

عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ پوليس جي اولين ذميواري آهي: طارق رزاق ڌاريجو

ڌوهاري عنصرن ۽ منشيات فروشن خلاف بنا فرق ڪارروايون تيز ڪيون وڃن

اشتهاري ۽ روپوش جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري گشت جي نظام کي اثرائتو بڻايو وڃي

سجاول (رپورٽ:هدايت کتي) ڊي آءِ جي پوليس حيدرآباد رينج طارق رزاق ڌاريجو ايس ايس پي آفيس سجاول جو دورو ڪيو جتي ايس ايس پي سجاول عليشه راجپر سندس آجيان ڪندي پليڪار ڪيو. دوري دوران ڊي آءِ جي پوليس حيدرآباد رينج جي صدارت هيٺ اهم ڪرائم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ضلعي سجاول جي سمورن ڊي ايس پيز ايس ايڇ اوز ۽ لاڳاپيل پوليس آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ضلعي جي امن امان واري صورتحال رپورٽ ۽ ناز رپورٽڊ ڏوهن سنگين وارداتن جي روڪٿام اشتهاري ۽ روپوش جوابدارن جي گرفتاري، منشيات، گٽڪي ۽ ٻين سماجي برائين ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪارروائين جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس دوران پوليس آفيسرن طرفان ضلعي ۾ منشيات فروشن گٽڪا سپلائرز ۽ ڌوهاري عنصرن خلاف ڪيل ڪارروائين بابت بريفنگ پڻ ڏني وئي.
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5


سجاول: ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو ۽ ايس ايس پي عليشه راجپر پوليس عملدارن سان گڏجاڻي ڪري رهيا آهن

خيرپور ۾ ڳوٺاڻن جو ٻاٿرن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور پرسان وڏا ماڇيون ٿاڻي جي حد ڳوٺ لوڌرا جي رهواسين عرفان علي لوڌرو عبدالفتح لوڌرو پريس ڪلب خيرپور پهچي احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته علائقي جي ٻاٿرن ۽ سندن سهولتڪارن سندن زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي هنن چيو ته گذريل ڏينهن جوابدار رات جي وقت هٿيارن سميت
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

سگهڻ ۽ پرياسي بدامني چوٽ چڙهيل، 24 ڪلاڪن ۾ ٻه ڦر جون وارداتون

هنگورجا لنڪ روڊ تان هٿياربند سيد علي رضا کان موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦري ويا

سوڀوديرو لنڪ روڊ تان نوجوان کان موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦر پوليس خاموش تماشائي بڻيل

سگهڻ (ن ع) سگهڻ ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي چورين ڦرون روز جو معمول بڻيل 24 ڪلاڪن اندر ٻه ڦر جون وارداتون گذريل رات ٽن 3 نامعلوم هٿياربندن سگهڻ هنگورجا لنڪ روڊ ڦاڙهه شاخ وٽان رات جو 9 بجي ڌاري ڊسپينسر سيد علي رضا شاهه کان هٿيارن جي زور تي سي ڊي موٽر سائيڪل ماڊل 2025 روڪ رقم 40000 چاليهه هزار ۽ موبائيل فون ڊيوٽي بيگ هيلمٽ ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا صحافين سان ڳالهائيندي سيد علي رضا شاهه ٻڌايو ته ڦاڙهه شاخ ۽ نولکي پوليس چيڪ پوسٽ
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي زرعي يونيورسٽي پاران ڪيڊٽ ڪاليج ۾ 100 کان وڌيڪ وڻ پوکيا ويا

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي زرعي يونيورسٽي طرفان ڪيڊٽ ڪاليج خيرپور ۾ 100 کان وڌيڪ وڻ پوکيا ويا ان موقعي تي ڪيڊٽ ڪاليج فنانس جي ڊائريڪٽر علي رضا شاهه ڪيڊٽ ڪاليج جي ايڊمن آفيسر رضوان زيب سومرو نزاڪت علي اڄڙ معشوق علي پنڌ چيو ته ڪيڊٽ ڪاليج ۾
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو يونيورسٽي جي استادن طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

ٽيچرز ايسوسيئيشن پاران صدر منصور مڪول، غلام نبي اختر حسين ۽ ٻين احتجاج ڪيو

وائيس چانسلر کي فوري طور عهدي تان هٽائي استادن جا مسئلا حل ڪيا وڃن: مطالبو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ دي يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو جي استادن جي تنظيم ٽيچرز ايسوسيئيشن يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي هنن نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي ايسوسيئيشن جي صدر منصور مڪول نائب صدر غلام نبي جنرل سيڪريٽري اختر حسين جوائنٽ سيڪريٽري فرحان عباسي فنانس سيڪريٽري انجنيئر سجاد سولنگي پريس
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5


دڙو: گولي لڳڻ سبب فوت ٿيل نوجوان ڏٽي بخش جماري جو لاش پيل آهي

خيرپور پوليس پاران مختلف ڪارروايون ۾ 11 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ضلعي جي مختلف علائقن مان برڪت عاس، رانجهن مهراڻي، بلاول سومرو، نثار شيخ ۽ ٻين کي گرفتار ڪيو آهي: پوليس

جوابدارن جي قبضي مان هڪ ڪار، ٻه لک رپيا روڪ رقم ۽ وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪئي آهي

منشيات جو ڪاروبار ڪندڙ انسانيت جا دشمن آهن انهن خلاف تيز رفتاري سان ڪارروايون جاري رکيون وينديون

خيرپور (ڊ ر) خيرپور پوليس قومي شاهراهه سميت ضلعي جي مختلف علائقن ۾ ڪامياب ڪارروايون ڪندي 11 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. جڏهن ته گرفتار ٿيل جوابدارن جي قبضي مان هڪ ڪار ٻه لک رپيا روڪ رقم ۽ وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪئي وئي آهي. اها ڳالهه ايس ايس پي امير سعود مگسي پنهنجي جاري ڪيل اعلاميي ۾ ٻڌائي.تفصيل
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5


پريا روڊ: شهري بنيادي مسئلن لاءِ آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ ڳالهائي رهيا آهن

ٺرڙي محبت لڳ ڳوٺاڻي جي مينهن چوري، پاڳين ۽ چورن ۾ فائرنگ، پوليس نه پهتي رپورٽ داخل

ٺرڙي محبت (ن ع) ٺرڙي محبت ٿاڻي جي حد ايم پي اي فياض ٻٽ جي ڳوٺ پرسان سان ڳوٺ محمد صديق ڳڻ مان چار نامعلوم چورن پاران سڪندر علي ڳڻ جي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

پريارو ۾ سياسي سماجي اڳواڻن جو چونڊيل ميمبرن جي ڪرپشن خلاف احتجاج

مظاهرين ذوالقرنين پناڻ، وسيم خان لهراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

چونڊيل نمائندن تورڙي سنڌن ٺيڪدارن ڪرپٽ ترقياتي ڪم ناهي ڪرايو، جاچ ڪئي وڃي

پريارو (ن ع) پريارو شهرين سياسي سماجي اڳواڻن جو پيپلزپارٽي جي چونڊيل ميمبر جي مبينا ڪرپشن خلاف سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو. پريارو ٽائون ڪاميٽي جي پلاٽ تي شهرين سياسي سماجي اڳواڻن ذوالقرنين پناڻ، وسيم خان لهراڻي ،ملڪ وسيم زيد ڪيريو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽائون ڪاميٽي پريارو جي پلاٽ تي سخت احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو.ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته پيپلزپارٽي جي چونڊيل نمائندن تورڙي سنڌن ٺيڪدارن شهر کي غرق ڪري ڇڏيو آهي ڪي به ترقياتي ڪم نه ڪرايا ويا آهن.امن امان تباهه حال لڳو پيو آهي .پيپلزپارٽي ايم پي سيد حسن علي شاهه ۽ سندس ميمبرن پريارو کي مڪمل نظرانداز ڪيو آهي. ان لاءِ نيب اينٽي ڪرپشن وس وارن کي اپيل ڪجي ٿي ته ڪرپشن معاملي جي مڪمل انڪوائري ڪرائي شهرين سان انصاف ڪيو وڃي.

لاڙڪاڻي ۾ پيرسن زال مڙس جو گاڏي جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل نوجوان پٽ جي خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي باقراڻي جي ڳوٺ حسين آباد جي رهواسي پيرسن جوڙي 15 مهينا اڳ تيز رفتار گاڏي جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويل نوجوان پٽ جي
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5



باڊهه: ايس ٽي پي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين ۾ ڳوٺاڻي جو زمين تي قبضو ڪندڙ ٻاٿرن خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

بدين (ڊ ر) بدين جي ڳوٺ محمد خان نهڙيو جي رهواسي امير علي نهڙيو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي چيو آهي ته اسان جي زرعي زمين جيڪا منهنجي پيءُ بابو ابراهيم نهڙيو جي نالي تي 4 ايڪڙ کان وڌيڪ آهي جنهن تي برادري جي مخالف ماڻهن هڪ پيرو ٻيهر هٿيار بند ٿي قبضو ڪري رهيا آهن ڪجهه ڏينهن اڳ جڏهن اسان زمين تي ڪيٽي لاءِ ٽريڪٽر
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ايس پي ايس سي خلاف نوجوان جو احتجاج، انصاف جو مطالبو

مظاهرين ڊاڪٽر طارق، طفيل الرحمان، حسن رضا، مقصود ۽ ٻين احتجاج ڪيو

امتحان جي نتيجن ۽ پيپر چيڪنگ جو فوري طور تي فارنزڪ آڊٽ ڪرايو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ايس پي ايس سي) پاران گڏيل مقابلي واري امتحان (سي سي اي) 2024 جي نتيجن ۾ مبينا بي ضابطگين خلاف اميدوارن سکر پريس ڪلب جي سامهون هڪ وڏو احتجاج ڪيو ڊاڪٽر طارق، طفيل الرحمان، حسن رضا، مقصود احمد، شعيب منيب، عبدالرحمان محمد ايوب ۽ ٻين اميدوارن مظاهري ۾ شرڪت ڪئي مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي رکيا هئا جن تي ايس پي ايس سي خلاف نعرا لکيل هئا. مظاهرين شفاف جاچ ۽ نتيجن جي ٻيهر جانچ جو مطالبو ڪندي نعرا هنيا. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي مظاهرين چيو ته سنڌ جي هزارين شاگردن سي سي اي 2024 جي امتحان ۾ حصو ورتو جڏهن ته لڳ ڀڳ 11,000 اميدوارن مان صرف 70 اميدوارن کي ڪامياب قرار ڏنو ويو، جيڪو هڪ تمام گهڻي پريشان ڪندڙ ۽ غير معمولي صورتحال آهي انهن الزام لڳايو ته ڪامياب قرار ڏنل اميدوارن مان اڪثريت سياسي يا بااثر خانداني پس منظر رکندڙ ماڻهو آهن جن ۾ وزيرن، صلاحڪارن، ڊپٽي ڪمشنرن ۽ پوليس آفيسرن جا مائٽ شامل
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5



بدين: مشين ذريعي شاخ جي ڪاٽي ڪئي پئي وڃي

ڪوٽڙي ۾ ايس ٽي پي اڳواڻ ۽ پٺاڻن وچ ٿيل جهيڙي جو نبيرو، ڌرين کير ڪنا

ملڪ اسد سڪندر جي ويجهن سائين ماسٽر نياز ڪوسر، پيرو خان ۽ ميان خان جي سرپنچي ۾ فيصلو ٿيو

معززين جي چوڻ تي ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي معاملو ٿڌي مٽي ڪري ڇڏيو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ ۾ گذريل ٻه ڏينهن پهرين سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ضلعي اڳواڻ امجد مستوئي ۽ پٺاڻن وچ ۾ خورشيد چوڪ تي معمولي ڳالهه تي مبينا جهيڙو ٿي پيو جنهن جي ڪري مستوئي خاندان ۽ پٺاڻن وچ ۾ تڪرار ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. ڪوٽڙي جي معززين ان ڳالهه جو نوٽيس وٺندي ٻنهي خاندانن ۾ ٿيل تڪرار جو فيصلو ملڪ اسد سڪندر جي ويجهن سائين ماسٽر نياز ڪوسو ، پيرو خان ڪوسو ۽ ميان خان جي سرپنچي ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جي ڳالهين ٻڌڻ بعد ڌرين کي پاڻ ۾ کير ڪنا ڪيو ويو جيڪو ٻنهي ڌرين دل سان قبول ڪري معززين جي چوڻ تي هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي معاملو ٿڌي مٽي ڪري ڇڏيو جنهن تي فيصلو ڪندڙ هڪ ٻئي طرف ٿيل فيصلو جو اظهار ڪيو وڏي خوشي جو اظهار ڪيو ويو نه صرف شهر جي معززين ٻنهي برادرين کي راضي ڪري محبت ، ڀائيچاري ۽ امن جو خوبصورت پيغام ڏنو ۽ سوشل ميڊيا تي ڦهليل نفرتن کي هميشه ختم ڪرڻ جو عزم پڻ ظاهر ڪيو ويو. اتي موجود معززين جو چوڻ هو ته ڪوٽڙي امن جو شهر آهي جتي سالن کان سنڌي ، پٺاڻ پنجابي مهاجر بهاري بلوچ توڙي ٻيون برادريون ڀائي چاري سان رهن ٿيون وقت تي ڪنهن به ڌرين ۾ جهيڙو ٿي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڪوٽ غلام محمد ۾ هندو مذهب سان تعلق رکندڙ اوڏ برادري جي بيواهه عورت ٽن ٻارن سميت اسلام قبول ڪري ورتو

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) عمرڪوٽ واسڻ شريفان اوڏ سامارو لڳ ڳوٺ گلزار خليل پهچي پنهنجي ٽن ٻارڙن سميت رضا خوشي سان دين اسلام قبول ڪيو جتي سندس اسلامي نالو رخسانه شيخ رکيو ويو جڏهن ته ٻارڙن جا اسلامي نالا پڻ رکيا ويا. مسمات رخسانه شيخ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سندس مڙس ماهه ڇهه اڳ فوت ٿي چڪا آهن جڏهن ته مڙس جي
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ڪاروڪاري جا واقعا رسم يا روايت ناهن بلڪ خالص ڏوهاري ڪارروايون آهن: نفيسه شاهه

بزدل ۽ جرائم پيشه ماڻهو ذاتي دشمني، قبائلي تڪرارن ۽ لاءِ ڪاروڪاري جي نالي جو سهارو وٺن ٿا

نياڻين تي تشدد ڪرڻ ۽ بيگناهه عورتن کي قتل ڪرڻ انتهائي بزدلي، انسانيت خلاف جرم ۽ سنگين ڏوهه آهي

رياست کي گهرجي ته اهڙن رهزنن ۽ قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سزا ڏئي ته رسم هميشه لاءِ ختم ٿي سگهي

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيد پنهيار) پاڪستان پيپلزپارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ايم اين اي ڊاڪٽر نفيسه شاهه جيلاني سول اسپتال خيرپور ۾ اسان پهون ٻائي ماڪي جا نفسياتي ۽ نشي جي عادي مريضن جي وارڊ جو افتتاح ڪرڻ دوران صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڪاروڪاري جا واقعا ڪنهن به صورت ۾ رسم يا روايت ناهن
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5


راولپنڊي: هڪ ورڪشاپ تي ڪاريگر ڪاٺ تي نڪ ۽ اڪر جو ڪم ڪري رهي آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.